روزاني
Daily AWAMI SOCH KARACHI
عوامي سوچ
جمهوري سوچ جي ترجمان
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهه

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ:
03153327758



ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻَ وار، اڄ پڻ آڳڙين جي؛
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون اڱارَ؛
ڏُوڏا! ٿِيُ مَ ڌارَ، جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

ڇنڇر 04 آڪٽوبر 2025ع

اظهار جي آزاديءَ تي حملا: جمهوريت لاءِ خطرو

اسلام آباد ۾ نيشنل پريس ڪلب تي پوليس جي چڙهائي رڳو هڪ اداري جي چار ديواريءَ تي حملو نه آهي، اهو اصل ۾ اظهار جي آزادي صحافت جي حرمت ۽ جمهوريت جي بنيادي اصولن تي حملو آهي. اهڙي عمل کي ڪنهن به صورت ۾ معمولي يا انتظامي غلطي قرار ڏئي خاموش ٿيڻ، عوام کي بيوقوف بڻائڻ برابر ٿيندو. جنهن ملڪ ۾ حڪمران ۽ رياستي ادارا صحافت جهڙي چوٿين ٿنڀ کي به دٻائڻ ۽ ميسارڻ لڳن، اتي جمهوريت جي ڳهاتي ۾ لڪل بدنيتيءَ کي سڃاڻڻ مشڪل نه آهي. اسلام آباد پوليس جو نيشنل پريس ڪلب ۾ گهڙي ڀڃ ڊاهه ڪرڻ ۽ صحافين کي مارڪٽ ڪرڻ رڳو هڪ اتفاقي حادثو نه، پر اقتداري ذهن جي اها پراڻي سوچ آهي جيڪا هر وقت آزاد آواز کي گولي، ڳچي يا ڌمڪي سان خاموش ڪرائڻ لاءِ بيتاب رهندي آهي ان واقعي جون تصويرون ۽ وڊيوز سڀني سامهون آهن. جن ۾ صاف ڏسي سگهجي ٿو ته پوليس اهلڪار ڪيئن بي حيائي سان صحافين تي تشدد ڪري رهيا هئا، ڪيئن ڪئميرا ۽ موبائل کسڻ جي ڪوشش ٿي رهي هئي، ۽ ڪيئن پريس ڪلب جو پُرامن ماحول خراب ڪيو ويو هي عمل ڪنهن به مهذب سماج لاءِ شرم جوڳي ڳالهه آهي. اهو حادثو پاڪستان جي صحافت تي ڪاري داغ جيان لکجي ويو آهي. صحافين جي ادارن ۽ ڪلبن تي حملو ڪرڻ اصل ۾ عوام جي زبان ڪٽڻ آهي، چو ته صحافت ئي اها اڪيلي طاقت آهي جيڪا حڪمرانن ۽ عوام جي وچ ۾ سچ جو پُل بڻجي ٿي.

وفاقي گهرو وزير جو "نوٽيس" وٺڻ ۽ "انڪوائري" جو حڪم ڏيڻ اڄ تائين ڪنهن به حادثي جو علاج نه بڻيو آهي. پاڪستان جي سياسي تاريخ اهڙن نوٽيسن ۽ حڪمن سان ڀري پئي آهي، پر نتيجو هميشه ساڳيو- عوام کي ڪو انصاف نه مليو صحافين جي قلم ۽ ڪئميرا کي تحفظ نه مليو. هاڻ جڏهن وزير موصوف چوي ٿو ته "تشدد ڪنهن صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو" ته اهو هڪ خالي جملي کان وڌيڪ حيثيت نٿو رکي، چاڪاڻ ته ساڳيا جملا اسان اڳ به هزار ڀيرا ٻڌي چڪا آهيون ۽ هر ڀيري ڪو به ذميوار سزا کان بچي ويندو آهي.

سڀ کان وڏي ذميواري وفاقي حڪومت تي اچي ٿي، جنهن جي راڄڌانيءَ ۾ اهڙو واقعو پيش آيو. جيڪڏهن حڪمران پاڻ کي بي خبر ظاهر ڪن ٿا ته پوءِ اها سندن نااهلي آهي، ۽ جيڪڏهن ڄاڻي واڻي اهڙو حملو ٿيڻ ڏنو ويو ته پوءِ اها سندن بدنيتي آهي. ٻنهي صورتن ۾ ذميواري حڪومت تي ئي لاڳو ٿئي ٿي.

هي رڳو هڪ پوليس ڪارروائي نه هئي، پر انهيءَ سوچ جو تسلسل آهي، جيڪا ڪشمير ۾ به عوام جي رت سان راند ڪري رهي آهي. مظفرآباد ۾ عوامي ايڪشن ڪميٽي جي احتجاج دوران ماڻهن جي حياتيون کسيون ويون، ۽ جڏهن مظاهرين لاش ساڻ ڪري انصاف گهرن ٿا ته سندن آواز کي به دٻايو وڃي ٿو. اهو ساڳيو سلسلو اسلام آباد تائين وڌي آيو آهي، جتي صحافت جهڙي مهذب آواز کي ڏڪ ڏئي خاموش ڪرائڻ جي ڪوشش ٿي. پوءِ اهو ملڪ ڪيئن جمهوريت ۽ آزاديءَ جي دعويٰ ڪري سگهي ٿو؟

پريس ڪلب تي حملو اصل ۾ ان دروازي کي ٽوڙڻ جي ڪوشش آهي، جنهن دروازي ذريعي عوام جي پريشاني، درد ۽ سچائيءَ جي ڳالهه اقتدار تائين پهچندي آهي. جيڪڏهن اهو دروازو بند ٿي ويو ته پوءِ رڳو درباري تقريرون ۽ سرڪاري بيانيون ئي ٻڌڻ لاءِ بچنديون. صحافين تي تشدد جو مطلب آهي ته اقتدار واري ٽولي کي سچ جي روشني کان ڊپ آهي. انهن کي ڊپ آهي ته ڪٿي سندن ڪوڙ عوام سامهون نه اچي وڃي، ڪٿي سندن بداعماليءَ جو پردو نه لهي وڃي. اهوئي سبب آهي جو ڪڏهن صحافين کي ڪنهي غائب ڪيو وڃي ٿو، ڪڏهن سندن آواز بند ڪيو وڃي ٿو ۽ هاڻ ڪين سندن پنهنجي اداري اندر به تحفظ نه ٿو ملي.

هيءَ صورتحال رڳو صحافين جو مسئلو نه آهي، پر هر شهري جو مسئلو آهي. جيڪڏهن قلم ۽ ڪئميرا جي آزادي تي ڌاڙو وڌو ويندو ته پوءِ عوام جي زبان پاڻمرادو بند ٿي ويندي. اسلام آباد ۾ پيش آيل هن شرمناڪ واقعي کان پوءِ صحافتي تنظيمن، سياسي پارٽين ۽ سول سوسائٽي کي هڪ آواز ٿي اٿڻ گهرجي. چو ته جيڪڏهن اڄ پريس ڪلب تي حملو ٿيو آهي ته سڀاڻي اهو حملو ڪنهن يونيورسٽيءَ، ڪنهن عدالت يا ڪنهن مزدور يونين جي آفيس تي به ٿي سگهي ٿو وفاقي ۽ پنجاب حڪومت کي لازمي طور تي ذميوار قرار ڏئي انهن اهلڪارن ۽ حڪمن تي اڳرڪتي پوندي، جيڪي هن حملي جا اصل ڪارڻ آهن. خالي انڪوائريءَ سان معاملو ختم ڪرڻ نه گهرجي، پر ڪليل ۽ شفاف ٽرائل ذريعي انهن کي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي، ته جيئن وري ڪنهن کي به اظهار جي آزادي ۽ صحافت جي حرمت تي وار ڪرڻ جي همت نه ٿي سگهي. ان کان سواءِ صحافتي ادارن جي آزادي لاءِ آئيني ۽ قانوني ۾ وڌيڪ سخت ضمانتون پيدا ڪرڻيون پونديون. جيڪڏهن هي معاملو به ٻين معاملن ويو ته پوءِ اهو جمهوريت لاءِ هڪ وڏو الميو ٿيندو. چو ته جمهوريت صحافت کان سواءِ نامڪمل آهي، ۽ صحافت بنا جمهوريت هڪ خالي نالو آهي. تنهن ڪري حڪومت کي هاڻ چونڊڻو پوندو: يا ته اها صحافت جي آزاديءَ سان گڏ بيٺي جمهوريت کي بچائيندي، يا وري تشدد ۽ سنسرشپ سان گڏ بيٺي جمهوريت جي قبر پاڻ کوٽيندي.

علم، ادب ۽ انسان دوست ليکڪ رياض ابڙي جو وڇوڙو

قمر آفتاب ابڙو

رياض ابڙي جي ڪمهلي وڇوڙي تي سوچجي ٿو ته ڪيئن ڪي ماڻهو پنهنجي جمڻ کان وٺي ساهه جي آخري هڏڪي تائين اهڙي لياقت ۽ وفا سان جڙيل رهندا آهن، جو سندن وڇوڙو محض هڪ ماڻهوءَ جو وڇوڙو نه هوندو آهي پر جڻ وقت جي هڪ مڪمل باب جو بند ٿي وڃڻ هوندو آهي. رياض ابڙو به اهڙوئي هڪ شخص هو، جنهن جي زندگيءَ جا ورق رڳو سنڌس ذات تائين محدود نه هئا، پر سچي سنڌ جي فڪر، ادب ۽ علم سان ڳنڍيل هئا. سنڌس لاڏاڻي جي خبر جڏهن پهتي، تڏهن دل تي اهڙي طرح ڌڪ لڳو. جيئن ڪنهن اوچتي طوفان دل جا در ڪڙڪايا هجن ۽ يادگيرين جا ڪتورا ڇلڇي پيا هجن. هن جو وڃڻ منهنجي لاءِ رڳو هڪ دوست، ساٿي ۽ هم ڪلاسي جو وڃڻ نه آهي، پر منهنجي پنهنجي ماضيءَ جي هڪ وڏي حصي جو ٽٽڻ آهي. جيڪو هاڻي ڪڏهن به وري جُڙي نه سگهندو.

اسان ٻئي هڪ ئي ڳوٺ ڳابر مسڻ باڍهه جا رهواسي هئاسين. رياض منهنجو نه رڳو ڳوٺائي هو، پر منهنجو ويجهو عزيز، هم ڪلاسي ۽ هم عمر به هو. پرائمري کان مڊل تائين جي سفر ۾ اسان رڳو پڙهائيءَ جا ساٿي نه هئاسين، پر زندگيءَ جي هر خوشي ۽ هر راند جا به ساٿي رهياسين. ڪرڪيٽ اسان لاءِ رڳو هڪ راند نه هئي، پر هڪ جنون هو. اسان جي ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪپتان رياض هوندو هو. هو نه رڳو پلوڙ بيٽسمين ۽ بالر هو، پر پنهنجي ٽيم کي حوصلي ۽ حڪمت عملي سان اڳتي وٺي وڃڻ جي صلاحيت به رکندو هو اڄ جڏهن انهن ڏينهن کي ياد ڪريان ٿو، تڏهن لڳي ٿو ته رياض جو ڪپتانيءَ وارو انداز سندس شخصيت ۾ هميشه لاءِ رچي ويو هو. چاڪاڻ ته پوءِ به هو زندگيءَ جي ميدان ۾ پنهنجن ساٿين لاءِ اڳواڻ، همت وڌائڻ وارو ۽ رهنمائي ڪندڙ رهيو.

ننڍپڻ جا اهي ڏينهن اڄ به چٽي طرح ياد آهن. جڏهن رياض ۽ مان صبح جو سوير ڳڏ ٿيندا هئاسين ۽ رات جو دير تائين ڳڏ رهندا هئاسين. اهو ساٿ رڳو دوستيءَ جو نه پر ڀائپيءَ جو هو. اسان جو والد ڊاڪٽر آفتاب ابڙو جيڪو نوڪري جي سانگي سان اڳ ۾ ئي ڪراچي ۾ رهندو هو. جنهن اسان کي وڌيڪ پڙهڻ لاءِ ڪراچي گهرايو. ته تڏهن به رياض سان اهو رشتو ڪڏهن به نه ٽٽو مون سنڌ جي تاريخي درسگاهه سنڌ مدرسي ۾ داخلا ورتي، پنهنجي تعليم کي اڳتي وڌايو ۽ ڪاروبار شروع ڪيو. ڪجهه وقت کان پوءِ رياض به ڪراچي لڏي آيو. زندگيءَ جي سفر ۾ اسان جا رستا وري ساڳيا ٿيا. هن بينڪ ۾ نوڪري اختيار ڪئي، پر ان سان گڏ پنهنجي تعليم جو سلسلو جاري رکندي سنڌ مدرسي مان پي ايڇ ڊي ڪئي. اهو سنڌس علم سان بي پناهه لڳاءُ ۽ جستجوءَ جو ثبوت هو.

رياض ابڙي جو هڪ پاسو جيڪو مون کي هميشه متاثر ڪندو رهيو، اهو سندس ادب سان لڳاءُ هو. هو رڳو پڙهندڙ نه هو، پر هڪ سچو دوست، ساٿي ۽ اتساهيندڙ شخص هو. جڏهن به ڪو نوجوان ليکڪ پنهنجو ڪتاب ڇپرائيندو هو ته رياض ان کي خريد ڪري پڙهندو هو ۽ ان تي تفصيلي تبصرو لکي اخبارن توڙي رسالن ۾ شايع به ڪرائيندو هو. هن جو اهو عمل ڪيترن ئي نوجوانن لاءِ زندگيءَ جي وڏي حوصلا افزائي هوندي هئي. هو جڻ هڪ اهڙو اديب هو، جيڪو بين اديبن جي ڪلهي تي هٿ رکي کين اڳتي وڌڻ لاءِ همٿائيندو هو. اديبن جي سنگت ۾ رهڻ، انهن سان علمي ۽ ادبي ڳالهيون ڪرڻ ۽ سندن ڪم کي اُجاگر ڪرڻ سندس زندگيءَ جو اهم حصو رهيو.

مون کي فخر آهي ته اسان جي اداري پيڪاڪ پاران رياض جا به اهم ڪتاب ڇپيا، جن مان هڪ "عالمي سياست ۽ پاڪستان" ۽ بيو انگريزي ۾ "Power Politics & Muslim World" (اقتداري سياست ۽ اسلامي دنيا) هو. ٻنهي ڪتابن کي سنڌ اندر ۽ ٻاهر وڏي پذيرائي ملي. هي ڪتاب رڳو سياسي تجزيا نه هئا، پر عالمي حالتن، ملڪي سياست ۽ مسلم دنيا جي پيچيده معاملن تي هڪ گهري فڪر جو نتيجو هئا. رياض نه رڳو ملڪي سياست تي نظر رکندو هو، پر عالمي سياست جي اٿل پٿل، پيچ ڊاهه، ڇڪتاڻ ۽ جنگي حالتن تي به پرمغز مضمون لکندو رهيو. سندس هر لکڻيءَ ۾ هڪ اهڙي گهرائي ۽ سنجيدگي هوندي هئي، جيڪا پڙهندڙ کي سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي هئي. رياض جي لکڻ جو سلسلو سندس زندگيءَ جي آخري گهڙي تائين جاري رهيو.

ڇا سنڌ ايمپلائيز اتحاد پنهنجا مطالبا منظور ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويندا؟

خادم حسين مشوري

سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ معاشي حالتن ۾ سرڪاري ملازمن جو ڪردار هميشه بنيادي رهيو آهي. ڪنهن به رياست جو انتظامي ڍانچو انهن ملازمن کان سواءِ مڪمل نٿو ٿي سگهي. پر جڏهن اهوئي طبقو پنهنجي جائز حقن کان محروم رهي ٿو، تڏهن نه صرف انتظامي ڪارڪردگي متاثر ٿئي ٿي پر سماج ۾ بيچيني ۽ بي اعتمادي به وڌي وڃي ٿي. سنڌ ايمپلائيز اتحاد جي تحريڪ به ساڳئي پس منظر ۾ اڀري آهي، جيڪا هن وقت سنڌ جي انتظامي ڍانچي ۽ سياسي ماحول ۾ هڪ وڏو سوال بڻجي چڪي آهي: ڇا هي اتحاد پنهنجا مطالبا منظور ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويندو؟

هن سوال جو جواب سڌو ۽ سادو ناهي، چو ته ان جي پويان ڪيترائي پاسا، عنصر ۽ حقيقتون ڳنڍيل آهن. سڀ کان پهرين ته اتحاد جا مطالبا بلڪل واضح ۽ جائز آهن. اهي مطالبا پگهارن ۾ وفاقي ملازمن جي برابر واڌ، الائونسز ۾ انصاف، پروموشن جي نظام ۾ شفافيت، پينشن سسٽم ۾ سڌارا ۽ روزاني اجرت تي ڪم ڪندڙ مزدورن جي ريگيولرائيزيشن سان تعلق رکن ٿا. اهي سڀ مطالبا ڪنهن به مهذب معاشري ۾ غير معمولي ناهن. پر سنڌ حڪومت اڪثر ڪري مالي بحران کي جواز بڻائي ٿي.

جيڪڏهن موجوده سياسي ۽ معاشي صورتحال تي نظر وجهجي ته پاڪستان هن وقت تاريخ جي سخت ترين مالي بحران مان گذري رهيو آهي. آءِ ايم ايف جون شرطون، ڊالر جي وڌندڙ قيمت، مهانگائيءَ جا طوفان ۽ غير يقيني سياسي ماحول حڪومت کي ايترو ته دٻائي ڇڏيو آهي، جو هو وڏين مالي ذميدارين کان گهبرائيندي ٿا. پر سوال اهو آهي ته جڏهن اعليٰ آفيسرن کي وڏا الائونسس، گاڏيون، بيروني دورا ۽ وڏا منصوبا ڏئي سگهجن ٿا، ته پوءِ عام ملازم لاءِ چونه؟ هيءَ ئي بي انصافيءَ جي بنياد آهي جنهن تي اتحاد جو احتجاج بيٺل آهي.

سنڌ ايمپلائيز اتحاد پنهنجي جدوجهد ۾ عوامي سهڪار حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي. هر ماڻهو جاڻي ٿو ته جڏهن استاد مطمئن هوندو ته تعليم بهتر ٿيندي، جڏهن نرس ۽ ڊاڪٽر خوشحال هوندا ته علاج به وڌيڪ بهتر ٿيندو، جڏهن ڪلارڪ ۽ ٻين لوئر اسٽاف کي سک ملي ته آفيسن جو ڪم تيز ٿيندو. تنهنڪري عوامي سطح تي هن تحريڪ کي وڏي همدردي حاصل آهي. ميڊيا، خاص ڪري سوشل ميڊيا، هن تحريڪ کي هر ڳوٺ ۽ شهر تائين پهچائي ڇڏيو آهي، جنهن ڪري حڪومت تي دٻاءُ وڌيو آهي. پر ساڳي وقت حڪومت جون حڪمت عمليون به واضح آهن. ڪيترائي ڀيرا احتجاج ڪندڙ ملازمن کي پوليس ڪارروائين سان روڪيو ويو، قيادت ۾ ورهاست آڻڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. ڪجهه اڳواڻن کي مراعتون ڏئي خاموش ڪرايو ويو. اهڙيون رنڊڪون اڳ به ٻين تحريڪن کي ڪمزور ڪري چڪيون آهن. پر تاريخ ٻڌائي ٿي ته 1972ع ۾ سرڪاري ملازمن جي وڏي تحريڪ، 1980ع ۾ ڊاڪٽرن جون هڙتالون، 2007ع ۾ نرسن جي احتجاج، ۽ 2010ع ۾ ڪلارڪن جي ريلين جي نتيجي ۾ حڪومت کي جزوي يا مڪمل طور تي مطالبا مڃڻا پيا. اهو ڏيکاري ٿو ته حڪومت ڪيترو به وقت گذارڻ جي ڪوشش ڪري، پر آخرڪار تحريڪ جو نتيجو ضرور نڪري ٿو.

هاڻي سوال اهو آهي ته موجوده دور ۾ ڇا صورتحال مختلف آهي؟ ها، ڪجهه پاسن کان مختلف آهي. ملڪ جي معاشي صورتحال سخت آهي، حڪومت ۽ وفاق وچ ۾ ڇڪتاڻ آهي، بجيٽ جون حدون تنگ آهن، ۽ سياسي حالتون غير يقيني آهن. پر ساڳي وقت حڪومت چونڊن جي تياري ۾ آهي، ۽ اهڙي وقت ۾ عوامي دٻاءُ وڌيڪ اثرائتو ٿيندو آهي. جيڪڏهن سنڌ ايمپلائيز اتحاد پنهنجي احتجاج کي پرامن، منظم ۽ ڊگهي عرصي تائين جاري رکندو ته حڪومت کي مجبور ٿي ڪجهه نه ڪجهه مڃڻو پوندو. ڪاميابيءَ جا امڪان انهن ڳالهين تي ٻاڙين ٿا: اتحاد جي مضبوطي، قيادت جي ايمانداري، عوامي سهڪار ۽ سياسي حالتن تي. جيڪڏهن اتحاد اندر اختلاف پيدا ٿيا ته حڪومت لاءِ آسان ٿي ويندو ته هو مطالبن کي وڌيڪ لٽڪائي ڇڏي. پر جيڪڏهن سڀ گڏ رهيا ته حڪومت وٽ ڪو به آپشن نه رهندو سواءِ ان جي ته هو مطالبن کي تسليم ڪري. آخر ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته سنڌ ايمپلائيز اتحاد لاءِ رستو آسان ناهي، پر ناممڪن به ناهي. حڪومت ڪيترو به وقت وٺي، پر جيڪڏهن ملازم پنهنجي حقن لاءِ پرامن ۽ پرعزم رهيا ته ڪاميابي دير سان ئي صحيح، پر يقيني آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته انصاف کي روڪيو سگهجي ٿو پر ختم ڪري ن ٿو سگهجي. سنڌ ايمپلائيز اتحاد جي جدوجهد به ساڳي حقيقت جو تسلسل آهي، جنهن جو انجام آخرڪار حقن جي تسليم ٿيڻ ۾ ئي نڪرندو.

بقايا 01

جي محبت ۽ خدمت جا نشان نظر اچن ٿا. ماڻهو لاهور اچن ٿا ته چون ٿا جڻ ٻئي ملڪ ۾ آيا هجن. ماڻهو چون ٿا ته پنجاب جي وزيراعليٰ اسان کي ڏئي ڇڏيو هن چيو ته ڊسمبر تائين لاهور وڌيڪ 70 بسون اچي وينديون، شيخوپورا، لاهور ۽ قصور ڊويزن ۾ گڏيل طور 500 بسون ڏيون ٿيون. وزيراعليٰ چيو ته 20 لک ماڻهن کي راشن ڪارڊ ڏينداسين، ماهوار 3 هزار رپيا ملندا. 60 هزار خاص ماڻهن کي ڪارڊ ڏنا ويا آهن. هڪ لک تائين پهچائينداسين. سموگ جي خاتمي لاءِ قدم کنيا آهن. فضا کي صاف ڪري رهيا آهيون ته جيئن عوام صاف هوا ۾ ساهه کڻي سگهي. مريم نواز چيو ته پنجاب جا درياءَ پلٽي پيا هئا، 26 ضلع ٻڏي ويا، پنجاب حڪومت 25 لک ماڻهن کي ٻوڏ مان ٻاهر ڪڍيو. متاثرن کي مهمانن وانگر رکيو ويو، روزانو 3 وقتن جو کاڌو ڏنو ويو. ٻوڏ ۾ 250 ماڻهن کي نانگ ڪکيو جن کي ويڪسين ڏئي سندن زندگيون بچايون ويون. هن وڌيڪ چيو ته جڏهن حلف کنيو هو ته پنجاب ۾ سرعام قتل، ڦرون ۽ ريپ ٿيندا هئا، اڄ سي سي ڊي جي ڪجهه مهينن اندر ڏوهن تي ڪنٽرول ڪري ورتو آهي، مان پنجاب کي عورتن لاءِ محفوظ صوبي بڻائڻ ٿي چاهيان، پنجاب کي محفوظ بڻائڻو آهي ته جيئن عوام سک سان سمهي سگهي. مريم نواز چيو ته جڏهن پنجاب ۾ ٻوڏ آئي ته هڪ صوبي جا ماڻهو غلط تنقيدون ڪري ڦٽن تي لوڻ ٻرڪي رهيا هئا، جڏهن ڪنهن صوبي تي آفت ايندي آهي ته اسان چوندا آهيون ته مدد ڪيون. خيبرپختونخوا ۾ آفت آئي ته علي امين گنڊاپور کي فون ڪري پڇيم ته ڪهڙي مدد گهرجي؟ علي امين منهنجي خلاف بيان بازي ڪئي پر خيبرپختونخوا وارا منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن. وزيراعليٰ چيو ته جڏهن پنجاب تي تباهي آئي ته هو ٽي وي پريس ڪانفرنسون ڪري مذاق اُڏائي رهيا هئا، چوندا هئا عالمي امداد چو نه ٿا وٺو؟ جڏهن عوام جو پئسو عوام تي خرچ ڪرڻو هجي ته پنڻو ناهي پوندو، چوندا هئا بي آءِ ايس پي مان امداد ڏيو، اسان چوندا هئاسين ته حقدارن کي نه ٻوڏ متاثرن کي امداد ڏيڻ گهرجي. پنجاب پنهنجن پيسن مان ڪئنٽال ڪڻڪ ڇاهي پيو پر اجازت نه ڏني وئي، سي سي آءِ ۾ پنجاب جي عوام جو ڪيس وڙهيو، ماڻهن کي ڏکي احتجاج ڪرايا ويا، جواب نه ڏيڻو پوندو نه؟ مان پنجاب جي حق جي ڳالهه نه ڪنديس ته ڪير ڪندو؟ مريم نواز چيو ته جڏهن ڪو پنجاب خلاف ڳالهائيندو ته مان جواب ڏينديس، ٽي ٽي پريس ڪانفرنسون ٿينديون رهيون مان خاموش رهيس. چو ته متاثرن کي رليف ڏيڻ ۾ مصروف هيس. پر ماڻهن سمجهيو ته چا پنجاب لاءِ ڳالهائيندڙ ڪو به ناهي؟ هاڻي مان جواب ڏينديس ۽ ڀرپور جواب ڏينديس. پنجاب جي ماڻهن سان ڪا به زيادتي نه ٿيڻ ڏينديس. پيپلزپارٽي جي معافي واري مطالبي تي پنجاب جي وزيراعليٰ چيو ته "چيو ويو ته مريم نواز معافي وٺي، مان چو معافي وٺان؟ معافي اهو ترجمان وٺي جنهن آفت وقت پنجاب تي تنقيد ڪئي. مريم نوازشريف ڪڏهن معافي نه وٺندي، پنجاب جي عوام جي عزت نفس جي حفاظت منهنجي ذميواري آهي، قومون پروجيڪٽن سان نه پر خودداري سان ٺهن ٿيون. اڳتي پنجاب بابت ڳالهائڻ کان اڳ سو ڀيرا سوچجو" مريم نواز وڌيڪ چيو ته آصف زرداري ۽ بلاول جيڪي منهنجا ڀائر آهن، انهن کي چوڻ ٿي چاهيان ته مونکي ڏک آهي، جڏهن پنجاب جي عوام تي مصيبت آئي ته مون ڪنهن کان پئسا يا مدد نه گهري، پر انهن اُن وقت ٽي ٽي پريس ڪانفرنسون ڪري مذاق اُڏايو. ياد رهي ته مريم نواز جي بيان خلاف اڄ به پيپلزپارٽي قومي اسيمبلي مان واڪ آئوٽ ڪيو.

بقايا 02

) موجب، پاڪستان ۽ يو اي اي جا ويجها سفارتي، اقتصادي ۽ ثقافتي لاڳاپا آهن. يو اي اي وچ اوڀر ۾ پاڪستان جي سڀ کان وڏي واپاري ڀائيوارن مان هڪ آهي ۽ پرڏيهي ترسيلات جو هڪ وڏو ذريعو آهي، جنهن ۾ هڪ وڏي پاڪستاني برادري رهي ٿي ۽ اتي ڪم ڪري ٿي. پي آءِ ڊي موجب، ناڻي ۽ ريلوي جي وزير مملڪت بلال اظهر ڪياني ابوظهبي ۾ يو اي اي جي توانائي ۽ انفراسٽرڪچر جي وزير سهيل محمد المزروئي سان ملاقات ڪئي، جتي انهن "پاڪستان جي ريلوي نيٽ ورڪ کي اپ گريڊ ڪرڻ، واپار کي فروغ ڏيڻ، رابطن کي وڌائڻ ۽ پائيدار اقتصادي ترقي جي حمايت ۽ تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي موقعن" تي بحث ڪيو. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته وزيرن "ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ مضبوط ڀائيچاري لاڳاپن کي تصديق ڪئي ۽ باهمي خوشحالي کي اڳتي وڌائڻ ۽ ماحول دوست ٽرانسپورٽ حل کي فروغ ڏيڻ جي عزم جو اظهار ڪيو." هي ملاقات گلوبل ريل انفراسٽرڪچر ڪانفرنس ۽ نمائش جي موقعي تي ٿي، جيڪا 30 سيپٽمبر کان 2 آڪٽوبر تائين منعقد ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ دنيا جي ٽرانسپورٽ وزيرن، پاليسي سازن ۽ صنعت جي اڳواڻن کي ريل ۽ انفراسٽرڪچر جي مستقبل کي شڪل ڏيڻ لاءِ گڏ ڪيو ويو هو هڪ ڏينهن اڳ، بلال اظهر ڪياني "ڪنيڪٽڊ نيشنز جي تعمير: پائيدار ترقي ۾ ٽرانسپورٽ ۽ انفراسٽرڪچر جو ڪردار" تي هڪ اعليٰ سطحي وزارتي پينل بحث ۾ حصو ورتو، جنهن دوران هن زور ڏنو ته جديد ٽرانسپورٽ انفراسٽرڪچر پائيدار معاشي خوشحالي لاءِ مرڪزي حيثيت رکي ٿو "اهو چوڻ جي ضرورت ناهي ته انفراسٽرڪچر ۽ اقتصادي خوشحالي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن." هن چيو، هن اجاگر ڪيو ته مضبوط رابطي ترقي لاءِ نوان دروازا کولي سگهي ٿي، نوڪريون پيدا ڪري سگهي ٿي ۽ علائقائي انضمام کي مضبوط ڪري سگهي ٿي. پي آءِ ڊي جي مطابق، هن پاڪستان جي انفراسٽرڪچر ڪاميابين جو حوالو ڏنو، جنهن ۾ موٽرويز جي هڪ وسيع نيٽ ورڪ جي تعمير شامل آهي جنهن صوبائي رابطي کي بهتر بڻايو آهي ۽ ملڪ ۾ سامان جي حرڪت کي تيز ڪيو آهي. وزير پاڪستان ريلوي لاءِ هڪ ويزن پڻ پيش ڪيو، جنهن جو مقصد ان کي هڪ موثر، قابل اعتماد ۽ ماحول دوست قومي ٽرانسپورٽ ريڙهه جي هڏي ۾ تبديل ڪرڻ آهي. هن خاص طور تي ٻن وڏن ريلوي ڪوريڊور (ايم ايل-1 ۽ ايم ايل-3) جي اپ گريڊيشن جي اهميت تي زور ڏنو، جيڪي علائقائي واپار ۽ رابطي کي وڌائڻ لاءِ اهم آهن ۽ پاڪستان جي ريلوي نيٽ ورڪ کي بين الاقوامي معيارن جي مطابق آڻيندا.

بقايا 03

استعمال ٿيل گاڏين تي اها ڊيوٽي لاڳو ٿيندي. ايف بي آر ڪمرشل بنيادن تي درآمد ڪيل استعمال ٿيل ۽ پراڻين گاڏين تي 40 سيڪڙو ريگوليٽري ڊيوٽي لاڳو ڪري ڇڏي آهي هي ڊيوٽي وفاقي حڪومت پاران ڪسٽم ايڪٽ 1969 جي سيڪشن 18 جي سب سيڪشن (3) تحت حاصل اختيارن جي استعمال سان لاڳو ڪئي وئي آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن مطابق، اها ڊيوٽي انهن استعمال ٿيل گاڏين تي لاڳو ٿيندي. جيڪي امپورٽ پاليسي آرڊر 2022 تحت مخصوص شرطون پوريون ڪري درآمد ڪيون پيون وڃن. انهن گاڏين ۾ پي سي ٽي هيڊنگ 8702، 8703، 8704 ۽ 8711 هيٺ ايندڙ گاڏيون شامل آهن هي قدم درآمدات کي گهٽائڻ ۽ غير ملڪي زر مبادلہ جي وهڪري جي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ کنيو ويو آهي.

بقايا 04

ميڊيا رپورٽن موجب، اسرائيل سان سفارتي لاڳاپا ختم ٿيڻ ڪانپوءِ، هاڻي ڪولمبيا جي صدر گذريل ڏينهن غزا ويندڙ گلوبل صمود فلوٽيلا تي اسرائيلي حملي ڪانپوءِ اسرائيل جي باقي بچيل سفيرن کي به ملڪ بدر ڪري ڇڏيو. رپورٽ موجب، هڪ بيان ۾ ڪولمبيا جي صدر گوستاوو پيٽرو چيو ته "اسرائيل جا هڙئي سفير ڪولمبيا مان نڪري ويا آهن. اسرائيل سان آزاداڻو واپاري معاهدو به ترت طور ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي." ياد رهي ته سال 2024ع ۾ ڪولمبيا اسرائيلي فوج طرفان غزا ۾ جاري قتلام تي احتجاج ڪندي اسرائيل سان پنهنجا لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيا هئا، پر 4 اسرائيلي سفارتي اهلڪار اجا تائين ڪولمبيا ۾ موجود هئا، جن کي هاڻي ملڪ بدر ڪيو ويو آهي.

بقايا 05

. روزانو درجنين ماڻهو شهيد ٿي رهيا آهن، ڪيترين ئي رهائشي عمارتون ۽ اسڪول تباهه ٿي ويا آهن. جڏهن ته هزارين فلسطيني ڏکڻ طرف لڏپلاڻ تي مجبور آهن. اتي به انهن تي حملا ڪيا پيا وڃن. الجزيره جي نمائندي هاني محمود ٻڌايو ته اسرائيلي فوج پهرين ماڻهن کي نڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿي ۽ پوءِ هيلي ڪاپٽرن، ڊرونن ۽ ٽينڪن ذريعي نشانو بڻائي ٿي، جنهن سان وڌيڪ افراتفري ۽ خوف ڦهلجي ٿو طبي ذريعن موجب غزه ۾ انصار واري علائقي ۾ اسرائيلي ڊرون حملي ۾ هڪ ٻار شهيد ٿيو مرڪزي غزه پٽي ۾ اسرائيلي سنائپرن 9 ماڻهن کي شهيد ۽ 13 کي زخمي ڪيو البريج پناهگير ڪيمپ ۾ هڪ گهر تي ڊرون حملي دوران هڪ فلسطيني جوڙو شهيد ٿيو دير البلح جي ڏکڻ ۾ ٻي ڊرون حملي ۾ هڪ فلسطيني شهيد ۽ 10 کان وڌيڪ زخمي ٿيا. خان يونس ۾ اسرائيلي ڊرون الاقصيٰ يونيورسٽي جي ڪيمپس ۾ بي گهر ماڻهن جي خيمن کي نشانو بڻايو، جنهن ۾ 8 ڄڻا زخمي ٿيا. وحشياڻي بمباري سبب غزه جا رهواسي ڏکڻ طرف لڏڻ تي مجبور آهن، پر ڪجهه ماڻهو خطري باوجود اتر ڏانهن واپس وڃڻ تي مجبور آهن. هزارين فلسطيني اتر کان ڏکڻ طرف خطرناڪ لڏپلاڻ تي مجبور ٿيا آهن. ساڳي وقت، فلسطيني مزاحمتي تنظيم حماس آمريڪا جي تجويز ڪيل جنگبندي منصوبي تي غور ڪري رهي آهي، جنهن سان ٻن سالن کان جاري جنگ ختم ٿي سگهي ٿي، پر ان منصوبي جون شرطون گهڻو ڪري اسرائيل جي مقصدن جي حق ۾ سمجهيون پيون وڃن. جنهن تي حماس جي رضامندي اجا تائين غير يقيني آهي. 7 آڪٽوبر 2023 کان اسرائيلي حملن ۾ 66 هزار 225 فلسطيني شهيد ۽ هڪ لک 68 هزار 938 زخمي ٿي چڪا آهن. صرف مارچ ۾ اسرائيل پاران هڪ طرفي جنگبندي ٽوڙڻ کان پوءِ اڃا تائين 13 هزار 357 شهري شهيد ۽ 56 هزار 897 زخمي ٿيا آهن.

بقايا 06

فون سمون بلاڪ ڪرڻ، قومي سڃاڻپ ڪارڊ ۽ پاسپورٽ معطل ڪرڻ جهڙا قدم شامل آهن ته جيئن اهڙن والدين کي رابطي ۽ سفر جي سهولتن کان محروم ڪيو وڃي. وڏي وزير چيو ته اهڙا والدين نه فقط پنهنجي ٻارن پر ٻين ٻارن کي به پوليو جي خطري ۾ وجهن ٿا. مراد علي شاهه چيو مون وٽ هاڻ ٻيو ڪو رستو ناهي بچيو سواءِ ان جي ته اهڙن والدين کي سزا ڏيان جيڪي پنهنجي قومي ذميواريءَ کان غفلت ڪن ٿا. پوليو جي خاتمي جي ذميواري گهر کان شروع ٿئي ٿي ۽ اها سڄي صوبي ۽ ملڪ تي اثرانداز ٿئي ٿي. وڏي وزير پوليو ويڪسين انڪار سيل وزيراعليٰ هائوس ۾ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي جنهن جي يونين ڪائونسل جي سطح تي انهن والدين جا تفصيل فراهم ڪيا ويندا جيڪي پيارڻ کان انڪار ڪن ٿا ته جيئن انهن کي سماجي، سياسي ۽ انتظامي ذريعن سان قائل ڪيو وڃي. اهي فيصلا وڏي وزير جمعي تي وزيراعليٰ هائوس ۾ پوليو جي خاتمي بابت اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيا. هن افسوس جو اظهار ڪيو ته وڏي ڪوشش جي باوجود پوليو جا ڪيس رپورٽ ٿي رهيا آهن. هن صحت کاتي ۽ ضلعي انتظاميا کي هدايت ڪئي ته پوليو جي خاتمي لاءِ سنجيدگيءَ سان قدم کنيا وڃن. وڏي وزير چيو ته پوليو مهم ۾ غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. جيڪو آفيسر ڪارڪردگي نه ڏيکاريندو سو منهنجي ٽيم جو حصو نه رهندو مان اڳ ۾ به ڪجهه آفيسن کي هٽائي چڪو آهيان ۽ وڌيڪ غفلت تي به ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته اجلاس جو مقصد پوليو مهم کي يونين ڪائونسل جي سطح تي نئين جذبي سان شروع ڪرڻ آهي. گذريل هفتي به نوان ڪيس رپورٽ ٿيا جن بعد صوبي ۾ ڪل پوليو ڪيسن جو انگ 9 ٿي ويو جيڪو انتهائي ڏکوئيندڙ آهي. ملڪ ۾ ڪل 29 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن جن مان 18 خيبرپختونخوا، 9 سنڌ، ۽ پنجاب ۽ آزاد ڪشمير ۾ هڪ هڪ رپورٽ ٿيو آهي. صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو ۽ اي او سي ڪوآرڊينيٽر ارشاد سوڍڙ وڏي وزير کي بريفنگ ڏني. نوان ڪيس ٺٽو ۽ بدين مان به آهن، جڏهن ته مٽياري، عمرڪوٽ، حيدرآباد، قمبر ۽ لاڙڪاڻي مان هڪ هڪ رپورٽ ٿيا. ڪراچي ۾ مليرجا ڪيس والدين جي انڪار سبب آيا. وڏي وزير چيو ته والدين جي انڪار تي قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي، پوليو جا قطرا پيارڻ کان انڪار ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو ۽ والدين ڪيئن پنهنجي ٻارن کي معذوريءَ ڏانهن ڌڪين ٿا! اهو انڪار صرف پنهنجن ٻارن لاءِ نه پر ٻين ٻارن لاءِ به خطرو آهي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ڪراچي جي مختلف علائقن مان ورتل ماحولياتي نمونن ۾ پوليو وائرس موجود آهي، جن ۾ سهراب گوٺ، مچرڪالوني، چڪرا نالو، راشد منهاس (اولڊ ڪراچي)، خميسو گوٺ، اورنگي، محمد خان ڪالوني (ڪيماڙي)، بختاور گوٺ (ملير)، ڪورنگي نالو (ڪورنگي)، حاجي مريد گوٺ (سينٽرل ڪراچي)، هجرت ڪالوني ۽ منظور ڪالوني (ڏکڻ ڪراچي) شامل آهن. وڏي وزير هدايت ڪئي ته انڪار ختم ڪرڻ لاءِ انتظامي قدم کنيا وڃن ۽ پوليو مهم ڪاميابي سان مڪمل ڪئي وڃي. 13 آڪٽوبر مهم: وڏي وزير چيو ته پوليو مهم کي 13 آڪٽوبر کان جنگي بنيادن تي هلائجي. سڄي انتظاميا کي هن مهم ۾ سرگرم حصو وٺڻ گهرجي. وڏي وزير عوام کي به اپيل ڪئي ته اڳتي اچن ته جيئن پنهنجا ۽ پاڙيسري ٻار پوليو کان محفوظ رهن. سيپٽمبر جي مهم ۾ 216664 ٻار پوليو ڦڙا پيئڻ کان محروم رهيا جن مان 181142 ٻار گهرن ۾ موجود نه هئا ۽ 35522 ٻارن جي والدين انڪار ڪيو وڏي وزير ريفيوزل ڪنورشن ڪاميٽي (RCC) کي فعال ڪرڻ جي هدايت ڪئي ته جيئن اهڙن ڪيسن تي فوري طور ڪم ڪري سگهجي. سمون ۽ سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪرڻ: ريفيوزل ڪان پوءِ وڏي وزير چيو ته جو انڪار ڪندڙ والدين جا موبائل سمون، سڃاڻپ ڪارڊ ۽ پاسپورٽ بلاڪ ڪرڻ تي غور ڪري رهيو آهي. هن لاءِ وڏي وزير چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه کي هدايت ڪئي ته منصوبا پيش ڪيو. ريفيوزل سيل: پوليو ريفيوزل سيل قائم ڪرڻ: وڏي وزير وزيراعليٰ هائوس ۾ پوليو ڊراپ ريفيوزل سيل قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو هن چيو ته صحت کاتو يونين ڪائونسل سطح تي انڪار ڪندڙ والدين جي فهرست ڏيندو جڏهن ته چونڊيل نمائندا، ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس ايس پي اهڙن گهرن جو دورو ڪري ٻارن کي ڦڙا پيارين. وڏي وزير چيو ته هن سال جا نوان ڪيس گهڻو ڪري ٻين ڪچي گوٺاڻن علائقن مان رپورٽ ٿيا آهن انهن کي پاڻ ڪري هڪ ٻيو خاڪو بدوش خاندانن کي به پوليو مهم ۾ شامل ڪيو وڃي. اجلاس ۾ وزير صحت ڊاڪٽر عذرا پيچوهو، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، آءِ جي غلام نبي ميمڻ، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد عباسي، سيڪريٽري بلديات وسيم شمشاد، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو خالد حيدر شاهه، سيڪريٽري صحت ريحان بلوچ، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد اوڍو، ڪوآرڊينيٽر اي او سي ارشاد سوڍڙ، ڊي جي هيلٿ ڊاڪٽر وقار محمود، سڀ ڊپٽي ڪمشنر ڪراچي ۽ وڊيولنڪ ذريعي سڀ ڊويزنل ڪمشنر ڊي آءِ جيز ۽ ڊي ايڇ اوز شامل هئا.

بقايا 07

تي اڏامن ڏانهن هڪ ٻي وک آهي. واضح رهي ته 2020ع کانپوءِ ڀارت ۽ چين جي گڏيل هماليا سرحد تي فوجين جي موتمار رٽوڇاڻ کانپوءِ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪا سڌي اُڏام نه هلي آهي، پر گذريل هڪ سال دوران دهلي ۽ بيجنگ سرحدي تڪرار کي گهٽائڻ ۽ لاڳاپا بيهر بحال ڪرڻ لاءِ قدم کنيا آهن. خميس ڏينهن ڀارت جي سڀ کان وڏي بجيٽ ايئر لائن انڊيگو پنهنجي بيان ۾ چيو ته "ڪمپني 26 آڪٽوبر کان ڪولڪتا ۽ گوانگزو شهرن جي وچ ۾ سڌيون اُڏامون بيهر شروع ڪندي." ڀارتي پرڏيهي کاتي طرفان جاري ڪيل بيان موجب، اُڏامن جي بحالي سان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ 'عوام سان عوام جي رابطن' کي وڌيڪ سولو بڻايو ويندو ۽ 'ٻطرفي ڏي وٺ کي هوريان هوريان معمول تي آڻڻ ۾ مدد ملندي.'

بقايا 08

۽ سيني هن وطن لاءِ قربانيون ڏنيون آهن پنهنجي بيان ۾ سرفراز بگٽي چيو ته بلوچستان ۾ گورننس جي بهتري لاءِ سڌارا متعارف ڪرايا پيا وڃن بلوچستان ۾ 16 هزار استاد ڪانٽريڪٽ استاد ڀرتي ڪري بند پيل 3 هزار 2 سو اسڪول کوليا هن چيو ته ڪيترن ئي علائقن ۾ پهريون ڀيرو سرڪاري سطح تي طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون منڊ ۾ پهرين ڊاڪٽر جي مقرري ۽ بيڪٽ اسپتال ۾ پهرين ٻار جو جنم طبي سهولت فراهم ڪرڻ جو ثبوت آهي.

بقايا 09

خطاب دوران اسحاق ڊار شمع جوڻيجو جي ذڪر تي پهرين طنزيه جواب ڏنو ۽ چيو ته "بجلي جا ٽنيا به لڳا آهن. پر توهان کي شمع نظر اچي ٿي." ان ڪانپوءِ هن ٻڌايو ته گڏيل قومن ۾ جيڪو وفد ويندو آهي، اهو پرڏيهي کاتي جي صحيح سان ويندو آهي ۽ اسان شمع جوڻيجو جو نالو ان وفد ۾ نه موڪليو هو. نائب وزيراعظم موجب، بيو وفد وزيراعظم جو هوندو آهي ۽ اها محترمه (شمع جوڻيجو) ان جو حصو هئي، وزيراعظم سان سندس تمام گهڻو اسٽاف هوندو آهي.

بقايا 10

جاري آهي. آپريشن پهرين آڪٽوبر تي دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي ڪيو ويو وزيراعظم شهباز شريف سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته ڀارتي حمايت يافته دهشتگردن کي شڪست ڏني وئي آهي، حڪومت ۽ سيڪيورٽي ادارا ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهن. پاڪستان جي سالميت جي نقصان پهچائڻ وارا ڪامياب نه ٿيندا. ياد رهي ته ٻه ڏينهن اڳ به ڪوئيٽا ۽ ڪيچ ۾ ڪارروائين دوران 13 دهشتگرد ماريا ۽ خضدار مان 4 گرفتار ڪيا ويا هئا.

بقايا 11

اي سلمان شاهه، ڊائريڪٽر فنانس شاهه حسين شاهه ۽ بين سينيئر آفيسرن سان تفصيلي اجلاس پڻ ڪيو اجلاس ۾ ڊي جي پي ڊي ايم اي اٿارٽي جي بنيادي ڪمن تي روشني وڌي، جن ۾ آفتن جي خطري کي گهٽائڻ، پاليسي سازي، هنگامي منصوبا، مالي انتظام ۽ آفتن کان پوءِ امدادي ڪارروائين جي هم آهنگي شامل آهي ڊي جي ٻڌايو ته پي ڊي ايم اي پنهنجون لاجسٽڪ صلاحيتون وڌيڪ مضبوط ڪري رهيو آهي هن وقت سنڌ ۾ ٽي گودام فعال آهن، جڏهن ته وڌيڪ ٽي گودام ٻين ضلعن ۾ قائم ڪرڻ جي رٿابندي جاري آهي، جيئن امدادي سامان جي وقت سر فراهمي يقيني بڻائي سگهجي اجلاس ۾ هڪ اهم اڳرائي "بينيفشري انفارميشن سسٽم" جي تياري هئي، جنهن وسيلي امداد حاصل ڪندڙ ماڻهن جو اندراج ۽ رڪارڊ وڌيڪ بهتر طريقي سان رکيو ويندو ان سان شفافيت ۽ ڊپٽي ڪمشنرن جي درخواستن مطابق صحيح ماڻهن تائين امداد پهچائي سگهبي پي ڊي ايم اي سنڌ، سپارڪو جي سهڪار سان مستقبل ۾ خطري وارن علائقن جي سڃاڻپ لاءِ به تحقيق ڪئي آهي، جيڪا اڳواٽ وارننگ سسٽم کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ ۽ موسمي اڳڪٿين ۾ مدد ڪندي ڊي جي موجب ايس اي ايس سي او ايف ۽ پاڪستان موسميات کاتي جي ڊيٽا جي بنياد تي مونسون ڪنٽيجنسي پلان تيار ڪيا ويندا آهن ان کان سواءِ پي ڊي ايم اي جي GIS يونٽ دريائي سيلاب جي اثرن جو تجزياتي نقشو لاءِ ماڊل تيار ڪيو آهي جي جي سطح تائين نقصان جا انگ اکر فراهم ڪرڻ، ان اٿارٽي هڪ مرڪزي ڊجيٽل مانيٽرنگ سسٽم به تيار ڪيو آهي، جنهن وسيلي رليف ڪيمپن، ايمبولينسن، ٻيڙين، ڊي واٽرنگ پمپن ۽ ٻين هنگامي وسيلن جي نگراني ممڪن آهي تازين قدمن بابت ٻڌايو ته ٻوڏ دوران پي ڊي ايم اي جي درياءَ سنڌ جي ڪنارن تي رهندڙ 78 هزار کان وڌيڪ رهواسين کي بروقت ايس ايم ايس الرٽ موڪليا، جنهن سان قيمتي جانيون ۽ مال جو نقصان گهٽيو ان کان علاوه، پي ڊي ايم اي ٽي هيومن ريسورس سهولت مرڪزن کي سولر انرجي تي منتقل ڪرڻ جو عمل به شروع ڪيو آهي، جيئن هنگامي حالتن ۾ بجلي جي بنا رڪاوٽ فراهمي يقيني بڻائي سگهجي سيڪريٽري بحالي اختر حسين بگٽي ٻڌايو ته پي ڊي ايم اي ٽن ضلعن ۾ ڊيزاسٽر رسڪ ريڊڪشن (DRR) پائلٽ پروجيڪٽ شروع ڪري رهيو آهي، جيڪو ڪامياب ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ ٻين ضلعن ۾ به لاڳو ڪيو ويندو مشير گيانچند ايسراني پي ڊي ايم اي جي ڪارڪردگي جي واکاڻ ڪئي، پر ساڳئي وقت رليف آپريشنز ۾ وڌيڪ شفافيت ۽ ميدان ۾ سڌي موجودگي تي زور ڏنو هن چيو "مان تجويز ڪيان ٿو ته پي ڊي ايم اي جو عملو عملي رليف سامان کان گڏ ڊپٽي ڪمشنرن تائين وڃي، جيئن بهتر نگراني، وسيلن جو غلط استعمال جي روڪٿام ۽ پمپن ۽ ٻيڙين جهڙن قيمتي اوزارن جي وقت سر واپسي يقيني بڻائي سگهجي هو ذاتي طور پي ڊي ايم اي سان گڏ اٿو چيو ته ايندڙ هفتي ۾ معائنو ڪندو گيانچند ايسراني عزم ظاهر ڪيو ته حڪومت سنڌ هر هنگامي صورتحال ۾ عوام کي بروقت ۽ مؤثر رليف فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 12

شعيب بن ظهير ڪئي اجلاس ۾ مختلف قراردادون پيش ڪيون ويون، جن کي بحث مباحثي کان پوءِ متفقه طور منظور ڪيو ويو ڪائونسل ميمبر شگفتہ انيس قرارداد پيش ڪئي ته سرڪاري اسڪولن جي ڪارڪردگي اطمينان بخش ناهي، انڪري اهي اسڪول پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت هلايا وڃن قرارداد موجب غريب ۽ مستحق شاگردن لاءِ مفت تعليم جاري رهندي، سنڌ حڪومت جي تعليمي پاليسي لاڳو ٿيندي ۽ انهن ادارن جو انتظامي ڪنٽرول ٽائون وٽ هوندو هن قدم سان صحت، تعليم ۽ ماحول ۾ بهتري ممڪن ٿيندي ڪائونسل ميمبر حنظلا انور قريشي قرارداد پيش ڪئي ته ٽائون ٽيڪس وصولي جي طريقيڪار ۾ تبديلي آندي وڃي ۽ قانون ۾ ترميم ڪئي وڃي ان کان گڏ ٽيڪس وصولي کي آن لائين نظام سان ڳنڍڻ جي پڻ تجويز ڏني وئي ڪائونسل ميمبر اويس عيسيٰ ملازمن جي حاضري ۽ ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ لاءِ بايوميٽرڪ مشين لڳائڻ جي قرارداد پيش ڪئي، جيڪا متفقه طور منظور ڪئي وئي ڪائونسل ميمبر عمران فقير تجويز ڏني ته نيو ڪراچي ٽائون جون پڙهيل ڳڙهيل عورت ملازمون، سندن صلاحيتن ۽ قابليت مطابق تبادلي ۽ مقرري لاءِ ترجيح ڏني وڃي، خاص ڪري اسڪولن ۾ سندن خدمتن مان فائدو ورتو وڃي ڪائونسل ميمبر عمران شفيق قرارداد پيش ڪئي ته ٽائون ٽيڪس وصولي لاءِ ٽرڊ پارٽي جو آپشن استعمال ڪيو وڃي، جيئن شفافيت سان گڏ آمدني ۾ اضافو ٿي سگهي اجلاس ۾ ڪي اليڪٽرڪ جي رويي جي پڻ مذمت ڪئي وئي ۽ چيو ويو ته شيڊول لوڊشيڊنگ کان علاوه غير اعلانيه بجلي بندش عوام لاءِ شديد مشڪلاتون پيدا ڪري رهي آهي آخر ۾ سڀني قراردادن کي متفقه طور تي منظور ڪيو ويو واضح رهي ته چيئرمين شعيب بن ظهير اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته اهو خوش آئيند آهي ته اڄ سڀني قراردادن ۾ اپوزيشن جي تعاون سان منظور ڪيو ويو نيو ڪراچي ٽائون ۾ ڊگهي عرصي کان ڪري ٽائون جي حالت خراب ٿي وئي آهي، پر حڪومت ۽ اپوزيشن جي گڏيل تعاون سان ٽائون جي صورتحال ۾ نمايان بهتري آڻي سگهجي ٿي هن وڌيڪ چيو ته ٽائون ۾ ترقياتي ڪم زور شور سان جاري آهن. پر واٽر بورڊ جي خراب ڪارڪردگي سبب مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن پاڻي ۽ نيڪال جون لائينون ليڪيج ٿيڻ ڪري، روڊن ۽ پيور بلاڪ جي تنصيب سان پوءِ به عوام کي مشڪلاتون درپيش آهن ان جي باوجود هن يقين ڏياريو ته 600 گهٽين ۾ پيور بلاڪ جي تنصيب جو ڪم 90 ڏينهن ۾ مڪمل ڪيو ويندو.

بقايا 13

جو مطالبو ڪيو آهي. صحافي تنظيمن هڪ گڏيل بيان ۾ چيو ته هي صحافين خلاف ڪيترن ئي ڏينهن کان جاري ڪارروائين جو تسلسل آهي، صحافين جي ڪردار ڪشي، انهن کي دٻاءَ ۾ رکڻ ۽ انهن جي راءِ جي اظهار کي دٻائڻ جو عمل هاڻي بند ٿيڻ گهرجي. انهن چيو ته اهي صحافين خلاف ڪيل ڪارروائين خلاف آئيني ۽ قانوني جدوجهد جو هر آپشن استعمال ڪندا. پشاور پريس ڪلب جي صدر چيو ته پريس جي آزادي تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو بلوچستان يونين آف جرنلسٽس پڻ واقعي جي مذمت ۽ ملوث ماڻهن خلاف فوري ڪارروائي جو مطالبو ڪيو.

بقايا 14

مولانا فضل الرحمان وفاقي پوليس اهلڪارن پاران صحافين تي تشدد جي خلاف يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ لاءِ اسلام آباد ۾ نيشنل پريس ڪلب پهتو ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته ڪالهه هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو پريس ڪلب تي پوليس جي ظلم جي مذمت ڪندي، تشدد واري واقعي جي مذمت ڪندي ۽ صحافين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو هن چيو ته صحافي پرامن ماڻهو آهن ۽ پنهنجي ڊائري کي ڄاڻن ٿا، هر چار ديوارين جي پنهنجي تقدس هوندي آهي، اهي صحافي ميدان ۾ نه هئا ته انهن خلاف شڪايت داخل ڪري سگهجي، ۽ نه ئي انهن قانون کي پنهنجي هٿن ۾ ورتو اسلام آباد پوليس جا آفيسر آيا، انهن تشدد ڪيو ۽ صحافين کي ماريو ويو، هن ڪارروائي جي بلڪل به اجازت نه ڏئي سگهجي. صحافين جو احتجاج جائز آهي ۽ اهم ماڻهو انهن سان گڏ بيٺل آهن. ياد رهي ته 2 آڪٽوبر تي ڪجهه مظاهرين آزاد ڪشمير ۾ تشدد خلاف نيشنل پريس ڪلب جي ٻاهران احتجاج ڪري رهيا هئا. جڏهن پوليس آفيسر اتي پهتا ته ڪجهه مظاهرين پريس ڪلب جي اندر هليا ويا ۽ پوليس آفيسر به انهن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ زبردستي نيشنل پريس ڪلب ۾ داخل ٿيا. خبر مطابق، ان دوران، اسلام آباد پوليس آفيسرن نه رڳو احتجاج ڪندڙن کي گرفتار ڪيو پر اندر موجود ڪلب جي ملازمن تي تشدد ڪيو ۽ هڪ فوٽوگرافر جو ڪئميرا به ٽوڙي ڇڏيو. جڏهن ته پوليس آفيسن ڪيفيٽيريا ۾ به ڀڃ ڊاهه ڪئي. ان کان اڳ، ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي)، ايسوسيئيشن آف اليڪٽرانڪ ميڊيا ايڊيٽرز اينڊ نيوز ڊائريڪٽرز (ايمينڊ) ۽ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (پي ايف يو جي) پنهنجي گڏيل بيان ۾ اسلام آباد پريس ڪلب تي پوليس جي ڇاپي جي مذمت ڪئي.

بقايا 15

ايجنڊا تي ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ ميٽنگ ڪانپوءِ 8 مسلم ملڪن گڏجي 20 نقطا پيش ڪيا ۽ بيان جاري ڪيو. پر پوءِ صدر ٽرمپ جيڪي 20 پوائنٽس جاري ڪيا، اهي اسان جي ڊرافٽ جا پوائنٽس نه هئا ۽ انهن ۾ ڦيرڦار ڪئي وئي. پرڏيهي وزير چيو ته هي اهو ڊرافٽ نه آهي جيڪو اسان تيار ڪيو هو، پرڏيهي کاتي جي بريفنگ ۾ ان جي وضاحت ڏئي چڪا آهيون. اسان 8 مسلم ملڪن طرفان تيار ڪيل ڊرافٽ کي ڌيان ڏينداسين. اسحاق ڊار چيو ته غزا ۾ مڪمل جنگبندي ضروري آهي ۽ غزا جي نئين سر تعمير ڪئي وڃي، اهو اسان جو ذاتي مسئلو ناهي، اِها اسلامي ملڪن جي ذميواري آهي. فلسطين جي مسئلي تي سياست جي گنجائش ناهي ۽ فلسطين بابت اسان جي پاليسي هميشہ قائداعظم جي پاليسي جهڙي آهي. نائب وزيراعظم چيو ته صمود فوٽيلا ۾ اسان جو هڪ سينيٽر موجود هو، اسان جو اسرائيل سان ڪو رابطو نه آهي. هن چيو ته اسرائيل 22 ٻيڙين قبضي ۾ وٺي ماڻهن کي قيد ۾ رکيو اطلاع آهي ته سينيٽر مشتاق احمد به انهن ۾ شامل آهي. هن چيو ته اسان جي ضرورت پئي چين اسان سان گڏ بيٺو رهيو، چين سان لاڳاپا هئا، آهن ۽ رهندا. جڏهن ته سعودي عرب سان تازو ٿيل دفاعي معاهدو انتهائي اهم آهي ۽ ڏهاڪن کان اسان جو سعودي سان تعلق لکيل رهيو آهي.

بقايا 16

ڪرڻ لاءِ آچر جي شام 6 وڳي تائين جو وقت آهي. ٽرمپ چيو ته حماس وٽ معاهدي جو هي آخري موقعو آهي، معاهدي تي ٻين ملڪن صحيحون ڪري ڇڏيون آهن. آمريڪي صدر حماس کي ڌمڪي ڏيندي چيو ته جيڪڏهن حماس معاهدو نه ڪري سگهي ته ان جا سخت نتيجا ڀوڳڻا پوندا. جڏهن ته معاهدو ڪرڻ سان حماس جي ويڙهاڪن جي به جان بچي سگهي ٿي. ٽرمپ فلسطيني عوام کي به چتاءُ ڏيندي چيو آهي ته بيگناهه فلسطيني غزا شهر خالي ڪري محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ٿي وڃن. ياد رهي ته هلندڙ هفتي آمريڪي صدر اسرائيلي وزيراعظم سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي 20 نقاطي غزا امن ناهه جو اعلان ڪيو هو ۽ چيو هو ته معاهدي تي هڙني مسلم ۽ عرب ملڪن اتفاق ڪيو آهي.

بقايا 17

احمد خان صاحب، مظهر سعيد شاهه صاحب، وهاج احمد صاحب، ڊاڪٽر اسامه رياض صاحب، اسماعيل خان صاحب، سيد عزيز نظامي صاحب ۽ فهد اشتياق صاحب سميت بين پاڪستانين، انساني همدردي جي اصولن مطابق هن عظيم امدادي مشن ۾ حصو ورتو اهو قدم پاڪستاني عوام جي امن پسند امنگن، انصاف لاءِ جدوجهد ۽ ضرورت مندن جي مدد جي جذبي جي نمائندگي ڪري ٿو حڪومت پاڪستان، انساني جان جي احترام، محفوظ رسائي ۽ بنا رڪاوٽ امداد جي اصولن جي مڪمل حمايت ڪري ٿي، ۽ پنهنجن شهرين جي واپسي لاءِ ڀرپور مطالبو ڪري ٿي. سندن سلامتي، وقار ۽ جلد کان جلد وطن واپسي لاءِ دعاگو ۽ ڪوشان آهي.

بقايا 18

۾ زرعي شعبي ۾ سهڪار جا امڪان ۽ باهمي دلچسپيءَ وارا معاملا زير بحث آيا سردار محمد بخش مهر چيو ته زرعي پيداوار کي جديد بنيادن تي استوار ڪرڻ لازمي آهي، سنڌ حڪومت هارين جي ڀلائي ۽ فلاح لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي يو اي اي جي قونصل جنرل بخيت عتيق الرميثي ان موقعي تي چيو ته سنڌ جي زرعي شعبي ۾ سهڪار وڌائڻ جا وسيع امڪان موجود آهن ۽ باهمي سهڪار سان واپاري لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته سنڌ ۽ دوست ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپا وڌيڪ بهتر ٿيندا ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ چيو ته شهرن جي ترقي ۽ اربن ڊولپمينٽ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي، سکر ۾ ترقياتي منصوبن ۽ انفراسٽرڪچر جي بهتري تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي.

بقايا 19

۾ داخل ڪيس خارج ڪرڻ لاءِ ڏنل درخواست رد ڪري ڇڏي. عدالت اينٽي ڪرپشن کاتي خيبرپختونخوا جي ڊائريڪٽر صديق انجم جي درخواست رد ڪري ڇڏي، جڏهن ته جسٽس انعام امين منهاس ٽن صفحن تي ٻڌل لکيل فيصلو جاري ڪيو فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته صديق انجم تي الزام آهي ته هن ٻين ساٿين سان گڏ سوشل ميڊيا تي اهڙي مهم شروع ڪئي، جيڪا احمد صديق دلاور ۽ سندس ڪٽنب کي بليڪ ميل ڪرڻ ۽ تنگ ڪرڻ لاءِ هلائي وئي، ان مهم ۾ احمد صديق دلاور جي چاچي تي به بنا جواز الزام هنيا ويا. درخواست ڏيندڙ جو چوڻ هو ته اينٽي ڪرپشن بنون ۾ ڪيس داخل ڪرايو ويو، تنهن ڪري ڪيس ختم ڪيو وڃي. فيصلي موجب، اسسٽنٽ اٽارني جنرل ۽ احمد صديق دلاور جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته درخواست ڏيندڙ جا الزام بي بنياد آهن ايف آءِ اي باقاعدي جاچ کان پوءِ ڪيس داخل ڪيو ۽ ان جو چالان لاڳاپيل عدالت ۾ جمع ڪرايو ويو آهي، جتي ٽرائل جاري آهي. عدالت چيو ته صديق انجم صرف پنهنجي حد تائين ڪيس خارج ڪرڻ جي درخواست ڏني. جڏهن ته هن ڪيس ۾ ٻيا ست ملزم به آهن. ڪنهن هڪ لاءِ ڪيس ختم نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن درخواست ڏيندڙ پاڻ کي بيگناهه سمجهي ٿو ته ٽرائل ڪورٽ ۾ بريت جي درخواست ڏئي سگهي ٿو واضح رهي ته هن ڪيس ۾ اڳ جسٽس بابر ستار ٽرائل روڪڻ جو حڪم ڏنو هو پر سندس سنگل بنچ ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪيس جسٽس انعام امين منهاس جي عدالت منتقل ڪيو ويو.

بقايا 20

پاڻ ڳالهائي رهي آهي. حيدرآباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن مطالبو ڪيو ته جيڪڏهن اتحاد هلائڻو آهي ته اسان جي چيئرمين جي عزت ڪريو مولا بخش چانڊيو چيو ته پي ٽي آءِ ن ليگ کي پنجاب ۾ ٽف ٽائيم ڏنو آهي، هو انڪري اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن. سندس چوڻ هو ته وڏي ميان صاحب به علائقائي ڳالهه ڪئي، صوبي لاءِ ڪهڙيون اسڪيمون ڏنيون؟ مريم نواز پنهنجي پيءُ کي خاموش ڪرائي پاڻ ڳالهائي رهي آهي. مولا بخش چانڊيو چيو ته مريم نواز ساک بچائڻ لاءِ "جاڳ پنجابي جاڳ" جو نعرو هڻي رهي آهي.

بقايا 21

ڳالهيون ڪامياب ٿي ويون آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته چيف سيڪريٽري جي وڏي وزير سان ڳالهه ٻولهه بعد، پينشن ڪٽوتي وارو معاملو ايندڙ سنڌ ڪابينا اجلاس ۾ شامل ڪري ان کي حل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو جاري ڪيل وڊيو بيان ۾ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي چيئرمين اشرف خاصخيلي چيو ته اسان جا مطالبا ڪابينا اجلاس جي ايجنڊا ۾ شامل ڪيا ويا، تنهنڪري احتجاج ملتوي ڪيون ٿا.

بقايا 22

پاڪستان دنيا جي نقشي تي موجود رهڻ چاهي ٿو ته دهشتگردي جي حمايت ڇڏي ڏئي. ڀارتي آرمي چيف راجستان ۾ فوجين سان خطاب دوران چيو ته آپريشن سندور ۾ فوج جيڪو صبر ڏيکاريو، اهو هاڻ بيهر ورجايو ويندو جنرل اوپيندر دويدي ڀارتي فوجين کي ڪنهن به ايڪشن لاءِ تيار رهڻ جي هدايت به ڪئي. ٻئي پاسي ڀارتي ايئرفورس جي سربراهه امر پريت سنگهه پريس ڪانفرنس ۾ بنا ڪنهن ثبوت جي اهو دعويٰ ڪيو ته مئي ۾ ٿيل پاڪ-ڀارت تڪرار ۾ ڀارت پاڪستان جا 5 جنگي جهاز تباهه ڪيا. هن چيو ته ڀارت جيڪي جهاز تباهه ڪيا، انهن ۾ ايف-16 ۽ جي ايف-17 ٿنڊر شامل آهن صحافين جڏهن امر پريت سنگهه کان پاڪستان طرفان ڀارتي جهاز ڪيرائڻ بابت پڇائو ڪيو ته ڀارتي ايئرچيف ڪو جواب نه ڏئي سگهيو واضح رهي ته پاڪستان جي بچاءَ واري وزير خواجا آصف ماضي ۾ ڀارتي دعويٰ تي ردعمل ڏيندي ٻنهي ملڪن جي جهازن جي موجوده ذخيرن جي آزادانه تصديق ڪرائڻ جو چيلنج ڏنو هو ياد رهي ته 6 ۽ 7 مئي جي وچ واري رات ڀارتي جهازن پاڪستان جي ڪيترن ئي هنڌن تي حملو ڪيو جنهن ۾ ڪيترائي شهري شهيد ٿيا پاڪ هوائي فوج ترت جوابي ڪارروائي ڪندي ڀارت جا 7 جهاز تباهه ڪيا، جن ۾ ڀارت جا جديد رافيل جهاز پڻ شامل هئا. ان ڪانپوءِ ڀارت بزدلي ڏيکاريندي پاڪستان جي شهرن تي ڊرون ۽ ميزائل حملا شروع ڪيا، جن جي جواب ۾ پاڪستان آپريشن "بنيان مرصوص" ڀارتي هوائي اڏن ۽ ٻين فوجي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو هو.

بقايا 23

گرفتار ڪيو آهي. اي اين ايف ترجمان موجب، 8 ڪارروائين دوران هڪ عورت سميت 9 شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ 2.2 ملين رپين کان وڌيڪ ماليت جي 24.9 ڪلوگرام منشيات هٿ ڪئي وئي. اي اين ايف ترجمان چيو ته ڪيس داخل ڪيا ويندا ۽ شڪي ماڻهن خلاف نارڪوٽڪس ڪنٽرول ايڪٽ تحت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 24

ٿي ويو مال بردار ٽرين جي انجڻ لهڻ سبب ڊائون ٽريڪ مڪمل طور بند ٿي ويو، ريلوي انتظاميه پهچي ڪري ڪرين سان امدادي ڪارروائي ڪئي پٽي وڃي پنجاب کان سنڌ ايندڙ ٽرين کي حيدرآباد اسٽيشن تي روڪيو ويو.

بقايا 25

موجب گرفتار ٿيلن ۾ اڳوڻو پاڪستاني سينيٽر مشتاق احمد، سوئيڊن جي ماحولياتي ڪارڪن گريٽا ٿنبرگ ۽ نيلسن منڊيلا جو پوٽو نڪوسي زويليوليلي به شامل آهن. رپورٽن موجب اسرائيلي بحري فوج ٻيڙين جو رابطي وارو نظام ۽ لائيو نشريات معطل ڪري قافلي کي روڪي ڇڏيو قبضي ۾ ورتل ٻيڙين کي اشدود بندرگاهه منتقل ڪيو ويو آهي. جتان سماجي ڪارڪنن کي يورپ ڏانهن ڊي پورٽ ڪيو ويندو فلوٽيلا جي منتظمين جو چوڻ آهي ته هڪ ٻيڙي "ميرينيٽ" اڃا به پنهنجي منزل ڏانهن وڌي رهي آهي. جڏهن ته عرب صحافي حسن مسعود سوشل ميڊيا تي دعويٰ ڪئي آهي ته ٻيڙي "مڪينو" غزه جي سامونڊي حدن ۾ داخل ٿي وئي آهي. اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو هن ڪارروائي کي درست قرار ڏيندي پنهنجي بحري فوج کي شاباس ڏني. ٻئي پاسي يورپ، ڏکڻ آمريڪا ۽ وچ اوڀر سميت سڄي دنيا ۾ هن واقعي خلاف سخت احتجاجي مظاهرا جاري آهن.

بقايا 26

برسات جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. موسميات کاتي موجب، اتر اوڀر عرب سمنڊ ۾ موجود سسٽم شدت اختيار ڪندي ڊپريشن مان ڊيپ ڊپريشن ۾ تبديل ٿي ويو آهي. جيڪو ايندڙ 12 ڪلاڪن اندر طوفان جي صورت اختيار ڪري سگهي ٿو موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته طوفان ٺهڻ جي صورت ۾ ان جو نالو "شڪتي" رکيو ويندو، جيڪو سريلنڪا تجويز ڪيو آهي. موسميات کاتي موجب، طوفان جي شديد سامونڊي طوفان ۾ تبديل ٿيڻ جو امڪان پڻ موجود آهي، جڏهن ته اهو سسٽم ڪراچي کان اٽڪل 400 ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ موجود آهي. موسميات کاتي وڌيڪ چيو آهي ته سسٽم جي اثر هيٺ سمنڊ ۾ چاڙهه رهندي ۽ سمنڊ ۾ رهي سگهي ٿو سمنڊ ۾ چاڙهه سبب موسميات کاتي مهاڻن کي 3 آڪٽوبر تائين سمنڊ ۾ نه وڃڻ جي هدايت به ڪئي آهي.

بقايا 27

آفيسر سميت ٻه ماڻهو زخمي ٿي پيا. ڪيماڙي جي پي ٽي گرائونڊ ويجهو سنوڪر ڪلب تي موٽرسائيڪل سوار شڪي ماڻهن فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ نورالله نالي هڪ شهري مارجي ويو پوليس موجب، واقعي ۾ ٻه هٿيار استعمال ڪيا ويا ۽ 15 گوليون هلايون ويون. شروعاتي جاچ مان ظاهر ٿيو آهي ته مقتول ٻي شادي ڪئي هئي ۽ سندس پهرين زال سان تڪرار هو پوليس عملدارن موجب، واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو لڳي ٿو. فائرنگ جو ٻيو واقعو حسين آباد چورنگي جي ويجهو پيش آيو، جتي فائرنگ ۾ هڪ شخص زخمي ٿيو ٽئين واقعي ۾ ڪورنگي گوماڌا چورنگي جي ويجهو ڦر جي ڪوشش دوران مزاحمت تي فائرنگ ۾ پوليس ڪانسٽيبل عثمان زخمي ٿي پيو ايس ايس پي ڪورنگي طارق نواز موجب، ڪانسٽيبل هڪ شڪي کي پڪڙي ورتو هو جڏهن سندس ساٿي فائرنگ ڪئي. عثمان کي ٽنگ ۾ گولي لڳي هئي، هو سندس حالت خطري کان ٻاهر آهي.

بقايا 28

تي عمل ٿي رهيو آهي. حيسڪو انتظاميه ڊي ايس يو جي مدد سان مختلف سب ڊويزن صدر، ٽنڊوالهيار I، هيرا آباد، ماتلي، ٽنڊو سڪند، مٽياري، ميرپورخاص سٽي ۽ ميرواهه گورچاڻي ۾ ڪارروايون ڪيون. ريجن ۾ 186 غيرقانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا، 1304 ميٽر پي وي سي تحويل ۾ ورتا ويا، جڏهن ته واجبات جي مد ۾ 36 لک کان وڌيڪ رڪوري ڪئي وئي، 19 جنوري 2025 کان جاري آپريشن دوران اڃا تائين 26798 غيرقانوني ڪنيڪشن ختم ڪيا ويا آهن، 676 ملزمان کي گرفتار ڪيو ويو، 1507 عدد اليڪٽرڪ ميٽر ڪٽيا ويا، 174790 ميٽر پي وي سي ختم ڪيا ويا، 729 عدد ٽرانسفارمر بند ڪيا ويا آهن. جڏهن ته واجبات مان 64 ڪروڙ 5 لک 50 هزار کان وڌيڪ رڪوري ٿي آهي. تفصيل موجب: ايس اي آپريشن سرڪل حيدرآباد سهيل احمد شيخ جي هدايت تي ڊويزن ڪاٽو جي سب ڊويزن صدر، ڊويزن قاسم آباد جي سب ڊويزن هيرا آباد ۽ ڊويزن ٽنڊوالهيار جي سب ڊويزن ٽنڊوالهيار I جي مختلف علائقن ۾ جهڙوڪ پريٽ آباد ۽ آر ڪالوني، ٽنڊوالهيار I آءِ گهمن آباد ۾ ڪارروايون دوران 99 غيرقانوني ڪنيڪشن ختم، 878 ميٽر غيرقانوني بجلي جون تارون ڪٽي تحويل ۾ ورتيون ويون، جڏهن ته واجبات ۾ 14 لک 30 هزار کان وڌيڪ رڪوري ڪئي وئي. ايس اي آپريشن سرڪل لاڙ گلزار حمد دستي جي هدايت تي سب ڊويزن ٽنڊو نور ۽ ٽنڊوغلام حيدر ۽ ڊويزن ماتلي ۽ سب ڊويزن ٽنڊوڄام جي علائقن ۾ ڪارروايون دوران 68 غيرقانوني ڪنيڪشن ختم، 346 ميٽر غيرقانوني تارون ڪٽي تحويل ۾ ورتيون ويون، جڏهن ته 14 لک 50 هزار کان وڌيڪ رڪوري ڪئي وئي. ايس اي آپريشن سرڪل نوابشاهه فرمان علي ڏاهاڻي جي هدايت تي ڊويزن نوابشاهه جي سب ڊويزن سڪرنڊ ۽ ڊويزن مٽياري جي سب ڊويزن مٽياري ۽ شهباز ڪالوني، سڪرنڊ ۽ رورل ايريا ۾ ڪارروايون دوران 15 غيرقانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا، 50 ميٽر غيرقانوني تارون ڪٽي تحويل ۾ ورتيون ويون. جڏهن ته 2 لک 30 هزار کان وڌيڪ رڪوري ڪئي وئي. ايس اي آپريشن سرڪل ميرپورخاص امير احمد ميمڻ جي هدايت تي ڊويزن ميرپورخاص جي سب ڊويزن ميرپورخاص سٽي ميرپورخاص ۽ ميرواهه گورچاڻي جي علائقن غريب آباد ۽ گوٺ سمو ۾ ڪارروايون دوران 4 غيرقانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا، 30 ميٽر غيرقانوني تارون ڪٽي تحويل ۾ ورتيون ويون. جڏهن ته 5 لک کان وڌيڪ رڪوري ڪئي وئي. واضح رهي ته حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري جي هدايتن تي نادهندگان ۽ بجلي چورن خلاف بغير فرق ڪارروايون جاري آهن. واجبات جي 100٪ وصولي کي يقيني بڻايو وڃي ٿو صارفين کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو پنهنجا واجبات فوري طور ادا ڪن. ٻي صورت ۾ بجلي ڪٽجي ويندي ۽ قانوني ڪارروائي ڪندي صارف کي گرفتار به ڪيو ويندو بجلي چور ملڪ ۽ قوم جا ڏوهاري آهن، تنهنڪري کين ڪنهن به صورت ۾ نه ڇڏيو ويندو. ساڳي وقت مختلف سب ڊويزن ۾ بلن جي ادائيگي لاءِ اعلان پڻ جاري آهن. حيسڪو انتظاميه معزز صارفين کان اپيل ڪري ٿي ته بجلي جا بل وقت سر جمع ڪرائڻ ۽ پنهنجا واجبات ادا ڪن، ٻي صورت ۾ رينجرز، پوليس ۽ ٻيا ادارا ڪارروائي ڪندا. جنهن جي ذميواري صارف پاڻ تي هوندي. اسان جون ڪارروايون بغير فرق جاري رهنديون ۽ بجلي چوري جي مڪمل خاتمي تائين جاري رهنديون. بجلي چور ملڪ، قوم ۽ حيسڪو جي ترقي ۾ رڪاوٽ آهن. عوام کليل ڪچهري ۾ اچي پنهنجا جائز مسئلا حل ڪرائين عوام کي گهرج ته واجبات مقرر وقت تي ادا ڪن ته جيئن بجلي جي فراهمي جاري رهي، ٻي صورت ۾ بجلي ڪٽجڻ سان گڏ سخت قانوني ڪارروائي ٿيندي. حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري عوام کي اپيل ڪئي آهي ته هو بجلي چورن خلاف حيسڪو جو ساٿ ڏين ته جيئن هن برائي جي خاتمي ڪري سگهجي. بجلي جا بل وقت سر ادا ڪرڻ سان حيسڪو اوهان کي وڌيڪ بهتر سروس مهيا ڪري سگهي، چو ته حيسڪو هڪ ڪمرشل ادارو آهي. جيڪو بلن جي ادائيگي ڪانسواءِ پنهنجي نظام کي هلائي نٿو سگهي.

بقايا 29

جي ڊگري منسوخ ڪرڻ خلاف درخواست جي ٻڌڻي ٿي، جنهن ۾ ڪراچي يونيورسٽي جي رجسٽرار پروفيسر عمران صديقي عدالت ۾ پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران ڪراچي يونيورسٽي جي رجسٽرار عدالت کي ٻڌايو ته اسان کي سپائي نوٽيس مليو. اسان کي جواب ڏيڻ لاءِ وقت ڏنو وڃي، جنهن تي جسٽس اقبال ڪلهوڙو پڇيو ته توهان کي جواب ڏيڻ لاءِ ڪيترو وقت گهرجي؟ اسان توهان کي وقت ڏئي رهيا آهيون. پر جيڪڏهن هن وقت دوران درخواست ڏيندڙ خلاف ڪا ڪارروائي ڪئي وئي ته ڇا ٿيندو؟ ان موقعي تي بئريسٽر صلاح الدين چيو ته ڌرين کي جواب ڏيڻ لاءِ وقت ڏنو وڃي، پر ان وقت تائين حڪم معطل ڪيو وڃي. جسٽس اقبال ڪلهوڙو چيو ته درخواست ڏيندڙ کي جيڪڏهن حڪم بعد ۾ واپس ڪيو ويو ته درخواست ڏيندڙ کي ٿيندڙ نقصان جو ازالو ڪيئن ٿيندو؟ ان جو ذميوار ڪير هوندو؟ هتي هڪ شخص جي زندگي جي ڪمائي داؤ تي لڳل آهي، ڇا متاثر ڌر کي ڊگري جي معاملي تي نوٽيس ڏنو ويو هو؟ رجسٽرار چيو ته منهنجي پوسٽنگ نئين ٿي آهي، مون کي ان جي خبر ناهي. جنهن تي جسٽس اقبال چيو ته جيڪڏهن توهان عدالت ۾ آيا آهيو ته پوءِ توهان کي جواب ڏيڻو پوندو، ممڪن آهي ته ذاتي مفاد جي ڪري درخواست ڏيندڙ خلاف ڪارروائي ڪئي وئي هجي. جيڪڏهن ڪو 30، 35 سالن کان پوءِ درخواست داخل ڪري ٿو ته متاثر شخص کي نه ٻڌو وڃي. ڌرين کي ٻڌڻ کان سواءِ عدالتي فيصلي جي به ڪا اهميت ناهي، هڪ طرفي فيصلي کي سٺو فيصلو نه سمجهيو ويندو آهي. بعد ۾ عدالت ڪراچي يونيورسٽي جي جسٽس طارق محمود جهانگيري جي ڊگري منسوخ ڪرڻ جي فيصلي کي معطل ڪندي درخواست جي وڌيڪ ٻڌڻي 20 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 30

ته ڊالر جي قيمت ۾ چڙهڻ لهڻ جو سلسلو جاري آهي. ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ زبردست تيزي ڏٺي وئي، ڪاروبار جي شروعات ۾ 100 انڊيڪس ۾ 1107 پوائنٽس جو اضافو ٿيو، جنهن ڪانپوءِ انڊيڪس ملڪي تاريخ جي بلند ترين سطح هڪ لک 69 هزار 597 پوائنٽس تي پهچي ويو گذريل ڏينهن ڪاروبار جي پڄاڻي تي هنڊريڊ انڊيڪس هڪ لک 68 هزار 490 پوائنٽس تي بند ٿيو هو. جڏهن ته آٽوموبائل اسمبلرز، ڪمرشل بينڪ، آئل اينڊ گيس ايڪسپلوريشن ڪمپنيز ۽ آءِ پي پيز ۾ خريداري جو سلسلو جاري رهيو ٻئي طرف انٽربينڪ مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ مسلسل اتار چڙهاءُ ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. ايڪسچينج ڪمپنيز ايسوسيئيشن موجب 7 پئسا گهٽجڻ کانپوءِ ڊالر جي قيمت 281 رپيا 20 پئسا ٿي وئي.

بقايا 31

جي اطلاع ملي، جنهن ۾ هڪ عورت جي لاش گهر مان ملي. پوليس موجب عورت کي مٿي ۾ گولي هڻي قتل ڪيو ويو مقتول جي سڃاڻپ 25 ورهين جي مريم نالي سان ٿي، جنهن جي لاش کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ابتدائي جاچ ۾ پوليس جو چوڻ آهي ته مرد ۽ عورت جي فائرنگ سان ٿيل قتل هڪ ئي وقت لڳي ٿو پوليس ذريعن موجب مقتول ۽ مقتوله هڪ ٻئي کي سڃاڻيندا هئا، ۽ ٻڌايو پيو وڃي ته ٻنهي کي غيرت جي نالي تي قتل ڪيو ويو آهي.

بقايا 32

آپريشن ڊاڪٽر اسد جهانگير جي مطابق گوشت تي سرڪاري سلاٽر هائوس جون مهرون پڻ لڳل هيون پر ميٽ فٽنيس سرٽيفڪيٽ موجود نه هو _ صحت لاءِ هاڃيڪار ايس او پيز جي ڀڃڪڙي مختلف جانورن جو گوشت مڪس ڪري رکيو ويو هو جڏهن ته سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم کي ڪارروائي دوران مزاحمت کي به منهن ڏيڻو پيو ان دوران هڪ شخص کي پوليس حراست ۾ ورتو _ ڊاڪٽر اسد جهانگير وڌيڪ ٻڌايو ته گوشت جا نمونا ليب ٽيسٽ لاءِ موڪليا ويندا ۽ سموري ضبط ڪيل گوشت کي تلف ڪيو ويندو _ هن ان ڳالهه زور ڀريو ته حفظان صحت جي قانون تي مڪمل عملدرآمد کي يقيني بڻايو ويندو ته جيئن عوام کي معياري ۽ محفوظ کاڌ خوراڪ واريون شيون مهيا ڪري سگهجن

بقايا 33

ميڊيا رپورٽن موجب، اسرائيل سان سفارتي لاڳاپا ختم ٿيڻ ڪانپوءِ، هاڻي ڪولمبيا جي صدر گذريل ڏينهن غزا ويندڙ گلوبل صمود فلوٽيلا تي اسرائيلي حملي ڪانپوءِ اسرائيل جي باقي بچيل سفيرن کي به ملڪ بدر ڪري ڇڏيو. رپورٽ موجب، هڪ بيان ۾ ڪولمبيا جي صدر گوستاوو پيٽرو چيو ته "اسرائيل جا هڙئي سفير ڪولمبيا مان نڪري ويا آهن. اسرائيل سان آزاداڻو واپاري معاهدو به ترت طور ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي." ياد رهي ته سال 2024ع ۾ ڪولمبيا اسرائيلي فوج طرفان غزا ۾ جاري قتلام تي احتجاج ڪندي اسرائيل سان پنهنجا لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيا هئا، پر 4 اسرائيلي سفارتي اهلڪار اجا تائين ڪولمبيا ۾ موجود هئا، جن کي هاڻي ملڪ بدر ڪيو ويو آهي.

بقايا 34

موجب گرفتار ٿيلن ۾ اڳوڻو پاڪستاني سينيٽر مشتاق احمد، سوئيڊن جي ماحولياتي ڪارڪن گريٽا ٿنبرگ ۽ نيلسن منڊيلا جو پوٽو نڪوسي زويليوليلي به شامل آهن. رپورٽن موجب اسرائيلي بحري فوج ٻيڙين جو رابطي وارو نظام ۽ لائيو نشريات معطل ڪري قافلي کي روڪي ڇڏيو قبضي ۾ ورتل ٻيڙين کي اشدود بندرگاهه منتقل ڪيو ويو آهي. جتان سماجي ڪارڪنن کي يورپ ڏانهن ڊي پورٽ ڪيو ويندو فلوٽيلا جي منتظمين جو چوڻ آهي ته هڪ ٻيڙي "ميرينيٽ" اڃا به پنهنجي منزل ڏانهن وڌي رهي آهي. جڏهن ته عرب صحافي حسن مسعود سوشل ميڊيا تي دعويٰ ڪئي آهي ته ٻيڙي "مڪينو" غزه جي سامونڊي حدن ۾ داخل ٿي وئي آهي. اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو هن ڪارروائي کي درست قرار ڏيندي پنهنجي بحري فوج کي شاباس ڏني. ٻئي پاسي يورپ، ڏکڻ آمريڪا ۽ وچ اوڀر سميت سڄي دنيا ۾ هن واقعي خلاف سخت احتجاجي مظاهرا جاري آهن.

بقايا 35

سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته سنڌ ۽ دوست ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپا وڌيڪ بهتر ٿيندا ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ چيو ته شهرن جي ترقي ۽ اربن ڊولپمينٽ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي، سکر ۾ ترقياتي منصوبن ۽ انفراسٽرڪچر جي بهتري تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي.

www.awamisoach.pk

جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC Certified

Daily AWAMI SOACH Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر
حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) ڇنڇر 04 آڪٽوبر 2025 ع بمطابق 10 ربيع الثاني 1447هه (شمارو 354) قيمت 20 روپيا

مان ڇو معافي وٺان؟ معافي اهو ترجمان وٺي جنهن آفت وقت پنجاب تي تنقيد ڪئي: مريم نواز

لاهور منهنجو، نوازشريف ۽ شهبازشريف جو گهر آهي، لاهور ۾ هر هنڌ نوازشريف جي محبت ۽ خدمت جا نشان نظر اچن ٿا

ماڻهو لاهور اچن ٿا ته چون ٿا ڄڻ ٻئي ملڪ ۾ آيا هجن. ماڻهو چون ٿا ته پنجاب جي وزيراعليٰ اسان کي ڏئي ڇڏيو: وزيراعليٰ پنجاب

20 لک ماڻهن کي راشن ڪارڊ ڏينداسين، ماهوار 3 هزار رپيا ملندا، 60 هزار خاص ماڻهن کي ڪارڊ ڏنا ويا آهن، هڪ لک تائين پهچائينداسين

پنجاب ۾ سموگ جي خاتمي لاءِ قدم کنيا آهن. فضا کي صاف ڪري رهيا آهيون ته جيئن عوام صاف هوا ۾ ساهه کڻي سگهي

آصف زرداري ۽ بلاول جيڪي منهنجا پيارا آهن، انهن کي چوڻ تي چاهيان ته مونکي ڏک آهي، جڏهن پنجاب جي عوام تي مصيبت آئي ته مون ڪنهن کان پئسا يا مدد نه گهري

پنجاب تي تباهي آئي ته هو ٽي وي تي پريس ڪانفرنسون ڪري مذاق اڏائي رهيا هئا، چوندا هئا عالمي امداد ڇو نٿا وٺو؟ جڏهن عوام جو پئسو عوام تي خرچ ڪرڻو هجي ته پڇڻو ناهي پوندو

لاهور(م د) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز پيپلزپارٽي جي معافي واري مطالبي تي چيو آهي ته مان ڇو معافي وٺان؟ معافي اهو ترجمان وٺي جنهن آفت وقت پنجاب تي تنقيد ڪئي، مريم نوازشريف ڪڏهن به معافي نه وٺندي. لاهور ۾ اليڪٽرڪ بس پروجيڪٽ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته لاهور منهنجو، نوازشريف ۽ شهبازشريف جو گهر آهي، لاهور ۾ هر هنڌ نوازشريف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه سان سنڌ ايمپلائيز الائنس جو وفد ملاقات ڪندي

غزا ۾ ماڻهو بک وگهي مري رهيا آهن، ٽرمپ جيڪي 20 نقطا ڏنا اهي اسان جا نه آهن: اسحاق ڊار

غزا امن معاهدي لاءِ ٽرمپ جيڪي 20 نقطا ڏنا اهي اسان جا نه آهن، گڏيل قومن، يورپي يونين ۽ ٻيا عالمي ادارا غزا ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪا آهن: نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير

صدر ٽرمپ سان غزا ۾ جنگبندي جي هڪ نقاطي ايجنڊا تي ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ ميٽنگ ڪانپوءِ 8 مسلم ملڪن گڏجي 20 نقطا پيش ڪيا ۽ بيان جاري ڪيو

هي اهو ڊرافٽ نه هو جيڪو اسان تيار ڪيو هو ۽ پرڏيهي ڪاتي جي بريفنگ ۾ ان جي وضاحت ڏئي چڪا آهيون، اسان 8 مسلم ملڪن طرفان تيار ڪيل ڊرافٽ تي ڌيان ڏينداسين

غزا ۾ مڪمل جنگبندي ضروري آهي ۽ غزا جي نئين سر تعمير ڪئي وڃي، اهو اسان جو ذاتي مسئلو ناهي، اِها اسلامي ملڪن جي ذميواري آهي

صمود فوٽيلا ۾ اسان جو هڪ سينيٽر موجود هو، اسان جو اسرائيل سان ڪو رابطو نه آهي، اسرائيل 22 ٻيڙيون قبضي ۾ وٺي ماڻهن کي قيد ۾ رکيو، اطلاع آهي ته سينيٽر مشتاق احمد به انهن ۾ شامل آهي

جڏهن به ضرورت پئي چين اسان سان گڏ بيٺو رهيو، چين سان لاڳاپا هئا، آهن ۽ رهندا، جڏهن ته سعودي عرب سان تازو ٿيل دفاعي معاهدو انتهائي اهم آهي: قومي اسيمبلي اجلاس ۾ خيالن جو اظهار

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته غزا امن معاهدي لاءِ ٽرمپ جيڪي 20 نقطا ڏنا اهي اسان جا نه آهن. قومي اسيمبلي اجلاس ۾ خيالن جو اظهار ڪندي اسحاق ڊار چيو ته غزا ۾ ماڻهو بک وگهي مري رهيا آهن. گڏيل قومن، يورپي يونين ۽ ٻيا عالمي ادارا غزا ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪا آهن. هن چيو ته صدر ٽرمپ سان غزا ۾ جنگبندي جي هڪ نقاطي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پاڪستان ۽ يو اي اي جو ريلوي کي جديد بڻائڻ لاءِ پائيداري تي متفق ٿي ويا

اسلام آباد(بيورو) پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات (يو اي اي) ريلوي جي جديديت ۽ علائقائي رابطي تي پائيداري کي مضبوط ڪرڻ تي متفق ٿيا آهن. پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ (پي آءِ ڊي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ايف بي آر پراڻين گاڏين درآمد ڪرڻ تي 40 سيڪڙو ڊيوٽي لاڳو ڪري ڇڏي

اسلام آباد(بيورو) فيڊرل بورڊ آف ريوينو (ايف بي آر) پراڻين گاڏين جي درآمد تي 40 سيڪڙو ريگوليٽري ڊيوٽي لاڳو ڪري ڇڏي. امپورٽ پاليسي آرڊر 2022 تحت مخصوص شرط پورا ڪندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

گلوبل صمود فلوٽيلا تي ڪاهه، ڪولمبيا پاران اسرائيلي سفيرن کي ملڪ نيڪالي

اسرائيل سان واپاري معاهدو ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي: صدر گوستاوو پيٽرو

گذريل سال غزا ۾ قتلام خلاف ڪولمبيا اسرائيل سان لاڳاپا ختم ڪيا هئا

بگوٽا(م د) ڪولمبيا گلوبل صمود فلوٽيلا تي اسرائيلي حملي ڪانپوءِ پنهنجن ملڪ ۾ موجود اسرائيلي سفيرن کي ملڪ بدر ڪري ڇڏيو پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسرائيلي فوج جا حملا جاري، غزه ۾ وڌيڪ 53 فلسطيني شهيد

قابض فوج غزه شهر تي لڳاتار بمباري ڪندي علائقي کي ملبن جو ڍير بڻائي ڇڏيو: الجزيره

روزانو درجنين ماڻهو شهيد ٿي رهيا آهن، ڪيترين ئي رهائشي عمارتون ۽ اسڪول تباهه ٿي ويا آهن

اسرائيلي فوج پهرين ماڻهن کي نڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿي ۽ پوءِ هيلي ڪاپٽرن، ڊرونن ۽ ٽينڪن ذريعي نشانو بڻائي ٿي

غزه (م د) اسرائيلي فوج پاران سڄو ڏينهن بيگناهه فلسطيني شهرين تي حملا جاري رهيا. جن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 53 فلسطيني شهيد ٿي ويا. الجزيره موجب قابض فوج غزه شهر تي لڳاتار بمباري ڪندي علائقي کي ملبن جو ڍير بڻائي ڇڏيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: وقتي صدر يوسف رضا گيلاني سان هائوس آف لارڊس جا ميمبر بيرسٽر تنوير حسين ۽ ٻيا ملاقات

حماس، آچر تائين "غزا امن ناهه" تسليم ڪري يا سنگين نتيجا ڀوڳڻ لاءِ تيار رهي، ٽرمپ جو الٽيميٽم

حماس وٽ معاهدي جو هي آخري موقعو آهي، معاهدي تي ٻين ملڪن صحيحون ڪري ڇڏيون آهن

بيگناهه فلسطيني غزا شهر خالي ڪري محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ٿي وڃن: آمريڪي صدر

ياد رهي ته هلندڙ هفتي آمريڪي صدر اسرائيلي وزيراعظم سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي 20 نقاطي غزا امن ناهه جو اعلان ڪيو هو

واشنگٽن(م د) آمريڪي صدر ٽرمپ فلسطيني مزاحمتي تنظيم حماس کي غزا جنگبندي معاهدو قبول ڪرڻ لاءِ ڊيڊ لائين ڏئي ڇڏي. پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب، آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو چوڻ آهي ته حماس وٽ معاهدي تي صحيح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ

وزيراعظم پاران صمود غزه فلوٽيلا ۾ پاڪستانين جي شرڪت جي ساراهه

صمود غزه فلوٽيلا ۾ پاڪستاني شهرين جي باوقار شرڪت کي ساراهيان ٿو: شهباز شريف

پاڪستاني عوام جي امن پسند امنگن، انصاف لاءِ جدوجهد ۽ ضرورت مندن جي مدد جي جذبي جي نمائندگي ڪري ٿو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف جو چيو ته مان صمود غزه فلوٽيلا ۾ پاڪستاني شهرين جي باوقار شرڪت کي ساراهيان ٿو مشتاق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

وڏي وزير جو والدين طرفان پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار تي سخت قدم کڻڻ جو اعلان

مون وٽ هاڻ ٻيو ڪو رستو ناهي بچيو سواءِ ان جي ته اهڙن والدين کي سزائون ڏيان جيڪي پنهنجي قومي ذميواريءَ کان غفلت ڪن ٿا: مراد علي شاهه

پوليو جي خاتمي جي ذميواري گهر کان شروع ٿئي ٿي ۽ اها سڄي صوبي ۽ ملڪ تي اثرانداز ٿئي ٿي

وڏي وزير پوليو ويڪسين انڪار سيل وزيراعليٰ هائوس ۾ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي جنهن کي يونين ڪائونسل جي سطح تي انهن والدين جا تفصيل فراهم ڪيا ويندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه والدين طرفان پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار تي سخت قدم کڻڻ جو اعلان ڪيو آهي جن ۾ موبائل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه پوليو جي خاتمي جي حوالي سان ٿيل گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

لاڳاپا معمول تي آڻڻ جي ڪوشش، ڀارت ۽ چين وچ ۾ 5 سالن ڪانپوءِ اُڏامون بحال ڪرڻ جو فيصلو

بيجنگ(م د) ڀارتي پرڏيهي ڪاتي چيو آهي ته ڀارت ۽ چين هلندڙ مهيني سڌي ريت اُڏامون ٻيهر شروع ڪندا. جيڪا لاڳاپن کي هوريان هوريان معمول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

صوبائي وزير محمد بخش مهر سان يو اي اي جي قونصل جنرل جي ملاقات

يو اي اي جي قونصل جنرل بخيت عتيق الرميثي سان ملاقات ۾ زرعي شعبي ۾ سهڪار تي ڳالهيون ڪيون ويون

ملاقات ۾ ميڊيا سيڪريٽري ارسلان اسلام شيخ ۽ سرڪاري ترجمان به موجود هئا، باهمي دلچسپيءَ وارا معاملا به زير بحث آيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وزير زراعت سردار محمد بخش مهر، گڏيل عرب امارات جي قونصل جنرل ڪراچي بخيت عتيق الرميثي سان ملاقات ڪئي، جنهن ۾ سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ ميڊيا سيڪريٽري ارسلان اسلام شيخ به موجود هئا ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

عمران خان کي سزا ڏيندڙ جج خلاف پروپيگنڊا ڪيس، ملزم جي درخواست رد

عدالت اينٽي ڪرپشن ڪاتي خيبرپختونخوا جي ڊائريڪٽر صديق انجم جي درخواست رد ڪري ڇڏي

جسٽس انعام امين منهاس ٽي صفحن تي ٻڌل لکيل فيصلو جاري ڪيو

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ باني پي ٽي آءِ عمران خان کي سزا ڏيندڙ جج همايون دلاور جي خلاف سوشل ميڊيا تي پروپيگنڊا ڪرڻ واري معاملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

جيڪڏهن مريم نواز پنهنجو موقف تبديل نه ڪيو ته هي اتحاد هاڻي نه هلي سگهندو: مولا بخش چانڊيو

جيڪڏهن اتحاد هلائڻو آهي ته اسان جي چيئرمين جي عزت ڪريو، پي ٽي آءِ ن ليگ کي پنجاب ۾ ٽف ٽائيم ڏنو آهي، هو انڪري اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن

وڏي ميان صاحب به علائقائي ڳالهه ڪئي، صوبي لاءِ ڪهڙيون اسڪيمون ڏنيون؟ مريم نواز پنهنجي پيءُ کي خاموش ڪرائي پاڻ ڳالهائي رهي آهي

مريم نواز ساک بچائڻ لاءِ "جاڳ پنجابي جاڳ" جو نعرو هڻي رهي آهي، جيڪڏهن هن پنهنجو موقف تبديل نه ڪيو ته اتحاد نه هلي سگهندو

حيدرآباد (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ مولا بخش چانڊيو چيو آهي ته جيڪڏهن مريم نواز پنهنجو موقف تبديل نه ڪيو ته اسان مطالبو ڪنداسين ته هي اتحاد هاڻي نٿو هلي سگهي، ن ليگ جي چپ ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

شڪايتن جو حل رياستن جي خلاف بندوق کڻڻ ناهي: سرفراز بگٽي

هي وطن اسان سڀني جو آهي ۽ سڀني هن وطن لاءِ قربانيون ڏنيون آهن: وزيراعليٰ بلوچستان

بلوچستان ۾ 16 هزار استاد ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي ڪري بند پيل 3 هزار 2 سو اسڪول کوليا ويا آهن

ڪيترن ئي علائقن ۾ پهريون ڀيرو سرڪاري سطح تي طبي سهولتون فراهم ڪيون آهن: ميڊيا سان ڳالهيون

وزيراعليٰ بلوچستان سرفراز بگٽي

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي چيو آهي ته شڪايتن جو حل رياستن جي خلاف بندوق کڻڻ ناهي هي وطن اسان سڀني جو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

شمع جوڻيجو جو نالو گڏيل قومن واري وفد ۾ نه موڪليو هو: پرڏيهي ڪاتو

گڏيل قومن ۾ جيڪو وفد ويندو آهي، اهو پرڏيهي ڪاتي جي صحيح سان ويندو آهي: اسحاق ڊار

اسان شمع جوڻيجو جو نالو وفد ۾ نه موڪليو هو: نائب وزيراعظم

اسلام آباد(بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار شمع جوڻيجو جي ذڪر تي ايوان ۾ وضاحت ڏئي ڇڏي. قومي اسيمبلي ۾ پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: وفاقي وزير بلال اظهر سان يو اي اي جو وزير ملاقات ڪري رهيو آهي

اي اين ايف ڪاروائي، 9 ڄڻا گرفتار، 22 لک جي منشيات هٿ

8 ڪاروائين دوران هڪ عورت سميت 9 شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو: اي اين ايف ترجمان

2.2 ملين رپين کان وڌيڪ ماليت جي 24.9 ڪلوگرام منشيات هٿ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) مختلف شهرن ۾ منشيات جي اسمگلنگ خلاف ڪريڪ ڊائون دوران 9 شڪي ماڻهن کي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ حڪومت ۽ سنڌ امپلائيز الائنس اڳواڻن ۾ ڳالهيون ڪامياب، ڌرڻو ملتوي

سنڌ امپلائيز الائنس اڳواڻن جون چيف سيڪريٽري سنڌ سان مطالبن جي مڃتا بابت ڳالهيون ڪامياب ٿي ويون آهن: ذريعا

چيف سيڪريٽري جي وڏي وزير سان ڳالهه ٻولهه بعد، پينشن ڪٽوتي وارو معاملو ايندڙ سنڌ ڪابينا اجلاس ۾ شامل ڪري ان کي حل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسان جا مطالبا ڪابينا اجلاس جي ايجنڊا ۾ شامل ڪيا ويا، تنهنڪري احتجاج ملتوي ڪيون ٿا: چيئرمين اشرف خاصخيلي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ۽ سنڌ امپلائيز الائنس اڳواڻن ۾ ڳالهيون ڪامياب ٿيڻ بعد 6 آڪٽوبر تي رٿيل ڌرڻو ملتوي ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب، سنڌ امپلائيز الائنس اڳواڻن جون چيف سيڪريٽري سنڌ سان مطالبن جي مڃتا بابت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

رب رسي مَت ڪسي! ڀارتي ايئر چيف پاران مئي جنگ دوران پاڪستان جا 5 جهاز ڪيرائڻ جي دعويٰ

نئين دهلي (م د) جنگي جنون ۾ ورتل ڀارتي عسڪري قيادت هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان خلاف گڊ پيڪين ڏيڻ لڳي آهي. پرڏيهي خبررساں اداري موجب، ڀارتي آرمي چيف جنرل اوپيندر دويدي زهر اوڳاڇيندي چيو ته جيڪڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: سنڌ حڪومت ۽ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي وچ ۾ ٿيل گڏجاڻي جو ڏيک

شيراني ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، 7 دهشتگرد مارجي ويا

مارجي ويل دهشتگردن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار، بارود ۽ ڌماڪيدار مواد هٿ ڪيو ويو: آءِ ايس پي آر

علائقي ۾ وڌيڪ دهشتگردن جي موجودگي تي سينيٽائيزيشن آپريشن جاري آهي

ڀارتي حمايت يافته دهشتگردن کي شڪست ڏني وئي آهي، حڪومت ۽ سيڪيورٽي ادارا ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهن

شيراني (م د) بلوچستان جي ضلعي شيراني ۾ سيڪيورٽي فورسز پاران انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ڀارتي حمايت يافته فتنة الخوارج جا 7 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر مطابق مارجي ويل دهشتگردن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار، بارود ۽ ڌماڪيدار مواد هٿ ڪيو ويو جڏهن ته علائقي ۾ وڌيڪ دهشتگردن جي موجودگي تي سينيٽائيزيشن آپريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪوٽڙي ٽرين جي انجڻ پٽڙي تان لهي وئي، ٽريڪ بند

ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن پرسان مال بردار ٽرين جي انجڻ پٽڙي تان لهي وئي

ڊائون ٽريڪ بند ٿي ويو مال بردار ٽرين جي انجڻ لهڻ سبب ڊائون ٽريڪ مڪمل طور بند ٿي ويو

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي ٽرين جي انجڻ پٽڙي تان لهي وئي، ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن پرسان مال بردار ٽرين جي انجڻ پٽڙي تان لهي وئي. ڊائون ٽريڪ بند /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

اسرائيلي فوج جو "گلوبل صمود فلوٽيلا" تي آپريشن، 42 ٻيڙيون ۽ 450 رضاڪار گرفتار

گرفتار ٿيلن ۾ اڳوڻو پاڪستاني سينيٽر مشتاق احمد، سوئيڊن جي ماحولياتي ڪارڪن گريٽا ٿنبرگ ۽ نيلسن منڊيلا جو پوٽو به شامل آهن: فلوٽيلا جي منتظمين

اسرائيلي بحري فوج ٻيڙين جو رابطي وارو نظام ۽ لائيو نشريات معطل ڪري قافلي کي روڪي ڇڏيو

قبضي ۾ ورتل ٻيڙين کي اشدود بندرگاهه منتقل ڪيو ويو آهي، جتان سماجي ڪارڪنن کي يورپ ڏانهن ڊي پورٽ ڪيو ويندو

اسرائيل (م د) اسرائيلي بحري فوج غزه لاءِ امداد کڻي ويندڙ "گلوبل صمود فلوٽيلا" تي وڏو فوجي آپريشن ڪندي 42 ٻيڙيون پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيون ۽ انهن ۾ سوار 450 کان وڌيڪ ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو فلوٽيلا جي منتظمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

وڏي وزير جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جو پي ڊي ايم اي هيڊڪوارٽرز جو دورو

اٿارٽي جي جاري سرگرمين، ايندڙ تيارين ۽ صوبي ۾ قدرتي آفتن سان منهن ڏيڻ لاءِ موجود صلاحيتن بابت جامع بريفنگ ڏني وئي

مشير بحالي سيڪريٽري اختر حسين بگٽي، ڊائريڪٽر جنرل پي ڊي ايم اي سلمان شاهه، ڊائريڪٽر فنانس شاهه حسين شاهه ۽ ٻين سينيئر آفيسرن سان تفصيلي اجلاس پڻ ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) وزيراعليٰ سنڌ جي بحالي بابت صلاحڪار گيانچند ايسراڻي، صوبائي ڊيزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) سنڌ جي هيڊڪوارٽرز جو دورو ڪيو، جتي کيس اٿارٽي جي جاري سرگرمين، ايندڙ تيارين ۽ صوبي ۾ قدرتي آفتن سان منهن ڏيڻ لاءِ موجود صلاحيتن بابت جامع بريفنگ ڏني وئي مشير بحالي سيڪريٽري اختر حسين بگٽي، ڊائريڪٽر جنرل پي ڊي ايم اي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: چيئرمين نيب ۽ ڊي جي نيب تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

ڪراچي فائرنگ، 1 شخص فوت، پوليس اهلڪار سميت ٻه زخمي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ فائرنگ جي مختلف واقعن ۾ هڪ شخص مارجي ويو ۽ هڪ پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

عربي سمنڊ ۾ موجود سسٽم شدت اختيار ڪري ويو

سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي سميت مختلف علائقن ۾ هلڪي برسات جو امڪان ظاهر ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) عربي سمنڊ ۾ موجود سسٽم شدت اختيار ڪري ويو، جنهن سبب سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي سميت مختلف علائقن ۾ هلڪي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

حيسڪو انتظاميه جو ڊي ايس يو جي مدد سان بجلي چورن ۽ نادهندگان خلاف ڪارروائي

سڄي ريجن جون مختلف سب ڊويزن صدر، ٽنڊوالهيار I، هيرآباد، ماتلي، ٽنڊو سڪرنڊ، مٽياري، ميرپورخاص سٽي ۽ ميرواهه گورچاني ۾ ڪارروايون ڪيون ويون

ريجن ۾ 186 غيرقانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا، 1304 ميٽر پي وي سي تحويل ۾ ورتا ويا، جڏهن ته واجبات جي مد ۾ 36 لک کان وڌيڪ وصولي ڪئي وئي: حيسڪو ترجمان

19 جنوري 2025 کان جاري آپريشن دوران اڃا تائين 26798 غيرقانوني ڪنيڪشن ختم ڪيا ويا آهن، جڏهن ته 676 ملزمان کي گرفتار ڪيو ويو

حيدرآباد (پ ر) حيسڪو ترجمان مطابق، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري جي هدايت تي بجلي چورن ۽ نادهندگان خلاف بغير فرق ڪارروايون جاري آهن. بجلي چوري جو مڪمل خاتمو ڪرڻ ۽ نادهندگان کان 100٪ واجبات وصول ڪرڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

حيدرآباد: حيسڪو چيف جي هدايتن تي بقاياجات ۽ بجلي چورن خلاف ڪارروائي جو ڏيک

نيو ڪراچي ٽائون جو تيرهون اجلاس چيئرمين شعيب بن ظهير جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو

اجلاس جي شرڪت ڪندڙن فلسطيني مسلمانن سان همدردي جو اظهار ڪيو ۽ سينيٽر مُشتاق جي گرفتاري تي اسرائيل جي مذمت ڪئي

نيو ڪراچي ٽائون ۾ ترقياتي ڪم زور شور سان جاري آهن، پر واٽر بورڊ جي ناقص ڪارڪردگي سبب مسئلا وڌي رهيا آهن: شعيب بن ظهير

ڪراچي (پ ر) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن نيو ڪراچي جي منتخب ڪائونسل جو تيرهون باقاعده اجلاس منعقد ٿيو اجلاس جو آغاز تلاوت قرآن پاڪ، حديث ۽ نعت رسول سان ٿيو اجلاس جي صدارت وائس چيئرمين نيو ڪراچي ٽائون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نيو ڪراچي: ٽائون چيئرمين شعيب بن ظهير اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

صحافتين جي مخلتف تنظيمن پاران پريس ڪلب تي پوليس جي حملي جي مذمت

اسلام آباد (بيورو) صحافي تنظيمن سي پي اين اي، پي ايف يو جي ۽ ايمنڊ اسلام آباد پريس ڪلب تي پوليس جي ڇاپي جي مذمت ڪئي ۽ واقعي کي دهشتگردي قرار ڏنو. صحافي تنظيمن واقعي ۾ ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج نئون رڪارڊ قائم ڪري ڇڏيو

100 انڊيڪس هڪ لک 69 هزار پوائنٽن جي حد به پار ڪري وئي

ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ زبردست تيزي ڏٺي وئي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج نئون رڪارڊ قائم ڪري ڇڏيو 100 انڊيڪس هڪ لک 69 هزار پوائنٽن جي حد به پار ڪري وئي. جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي ڪيماڙي ۾ مختلف وارداتن ۾ 2 ڄڻا قتل

ڪي پي ٽي گرائونڊ پرسان فائرنگ ۾ هڪ شخص جي قتل کان پوءِ جيڪسن پوليس کي قتل جي هڪ ٻي واردات جي اطلاع ملي

عورت کي مٿي ۾ گولي هڻي قتل ڪيو ويو، مقتوله جي سڃاڻپ 25 ورهين جي مريم نالي سان ٿي: پوليس

ڪراچي (رپورٽر) ڪيماڙي جي ڪي پي ٽي گرائونڊ پرسان فائرنگ ۾ هڪ شخص جي قتل کان پوءِ جيڪسن پوليس کي قتل جي هڪ ٻي واردات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي يونيورسٽي جو جسٽس طارق جي ڊگري رد ڪرڻ وارو فيصلو معطل

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس طارق محمود جهانگيري جي ڊگري رد ڪرڻ بابت ڪراچي يونيورسٽي جي فيصلي کي معطل ڪري ڇڏيو آهي، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق محمود جهانگيري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

نيشنل پريس ڪلب تي پوليس جي ظلم جي واقعي جي مذمت ڪيون ٿا: مولانا فضل الرحمان

صحافي پرامن ماڻهو آهن ۽ پنهنجي دائري کي ڄاڻن ٿا، هر چار ڀتين جي پنهنجي تقدس هوندي آهي

اسلام آباد پوليس جا آفيسر آيا، انهن تشدد ڪيو ۽ صحافين کي ماريو ويو، هن ڪارروائي جي بلڪل به اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي

ياد رهي نيشنل پريس ڪلب جي ٻاهران احتجاج ڪندڙ پريس ڪلب جي اندر هليا ويا ۽ پوليس انهن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ زبردستي داخل ٿيا

اسلام آباد(بيورو) جي يو آءِ ف جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته هو نيشنل پريس ڪلب تي پوليس جي ظلم جي واقعي جي مذمت ڪري ٿو ۽ ڏکئي وقت ۾ صحافي برادري سان گڏ بيٺل آهي. جي يو آءِ ف جي سربراهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽسوري 44هين مڊ ڪيرئر مينيجمينٽ ڪورس جي تقسيم واري تقريب کي خطاب ڪندي

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي حيدرآباد ٻاءِ پاس وٽ ڪارروائي، 25 مڻ گوشت ضبط

گوشت تي سرڪاري سلاٽر هائوس جون مهرون پڻ لڳل هيون پر ميٽ فٽنيس سرٽيفڪيٽ موجود نه هو: ڊپٽي ڊائريڪٽر آپريشن

صحت لاءِ هاڃيڪار ايس او پيز جي ڀڃڪڙي ڪري مختلف جانورن جو گوشت مڪس ڪري رکيو ويو هو

گوشت جا نمونا ليب ٽيسٽ لاءِ موڪليا ويندا ۽ سموري ضبط ڪيل گوشت کي تلف ڪيو ويندو: ڊاڪٽر اسد جهانگير

ڪراچي (رپورٽر) حيدرآباد سنڌ فوڊ اٿارٽي جي آپريشن ونگ قومي شاهراهه ٻاءِ پاس حيدرآباد وٽ ڪارروائي ڪندي 25 مڻ کان وڌيڪ گوشت ضبط ڪري ڇڏيو، اهو گوشت نجي سلاٽر هائوس کان ڪراچي وڪري لاءِ موڪليو پئي ويو ــ ڊپٽي ڊائريڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

بقايا 01

عزيزاحمد راهمون ايس ايچ او سامارو احمد بخش راهمون ۽ سندس ٽيم گڏيل ڪاروايون ڪري ملوث جوابدارن جو پيڇو ڪندي ٽريس زريعي جوابدارن تائين پهچي ڪري ملوث 3 جوابدار نالي اصغرخاصخيلي. محمد بروهي ۽ جاويد پنيرو کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان ٽريڪٽر ٽرالي ۽ ڦٽين جي مڪمل رقم 14 لک 87 هزار رڪور ڪري ورتي پٿورو:۔ ڦر واري واقعي جي جانچ ٽيم ڊي ايس پي عمرڪوٽ تصور جٽ انسپيڪٽرخليل ڪنيار انسپيڪٽر احمد بخش راهمون انسپيڪٽرعزيز راهمون جي پٿورو ٿاڻي تي پريس ڪانفرنس ڪندي ڏوهه جي رڪوري ملوث گرفتار ٿي جوابدارن ميڊيا آڏو پيش ڪيا پٿورو:۔ ان موقعي تي سي آئي انچارج خليل ڪنير جو چوڻ هيو ته آئون هن ٽيم جو حصو رهيس اڄ رڪوري ڪري ۽ جوابدارن جي گرفتاري ڪري سرخرو ٿيا آهيون سندس وڏيڪ چوڻ هيو ته پوليس ۽ چونڊيل نمائندا به مسلسل اسان سان رابطي ۾ رهيا اسان جي سموري ٽيم جوابدارن جو پيڇو ڪندي گرفتاري ڪئي ۽ وڌيڪ جانچ ڪنداسين ان ڦر واقعي ۾ اگر هتان ڪان مقامي جوابدار ملوث هوندا ته انهن کي به گرفتار ڪيو ويندو پٿورو:۔ ان موقعي تي واپاري اڳواڻ شڪيل احمد قائمخاني جو چوڻ هيو ته مونکي انتهائي گهڻي خوشي ٿي رهي آهي ته منهنجي به سئو من جي لڳ ڀڳ پريل ٽريڪٽر ٽرالي عمرڪوٽ سامارو پٿورو پوليس گڏيل ڪاروائي ڪري هڪ هفتي اندر رڪور ڪري ڏني ۽ جوابدار به گرفتار ڪيا آهن ان سان گڏ ڦٽين جي رقم رڪور ڪري ڏني آهي ان سان گڏ صحافي دوستن جو پڻ شڪر گذار آهيان جن ان معاملي جي ڀرپور نموني ڪوريج ڪري ڏني جنهن تحت ڪاروائي ٿي ۽ اسان سان انصاف ٿيو

بقايا 02

قربان علي رند ۽ ٻين ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ساريال جو سرڪاري اگهه مقرر نه ٿيڻ ڪري آبادگار سخت معاشي بحران جو شڪار ٿي ويا آهن. هن چيو ته فصل تي تمام گهڻو خرچ اچڻ باوجود مارڪيٽ ۾ فصل جو اگهه پيداوار جي مقابلي ۾ انتهائي گهٽ ملي رهيو آهي، جنهن سبب زميندارن لاءِ پنهنجو خرچ پورو ڪرڻ به مشڪل ٿي ويو آهي. احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته حڪومت فوري طور ساريال لاءِ مناسب سرڪاري اگهه مقرر ڪري، خريداري مرڪز ڪوليا وڃن ۽ آبادگارن کي سندن محنت جو صحيح معاوضو ڏنو وڃي ۽ ساريال جو چار هزار روپيه في من مقرر ڪيو وڃي. بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 03

ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر متياري رفيق جمالي، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر متياري سيد آصف علي شاهه، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ متياري ڊاڪٽر رياض احمد لغاري، ڊپٽي ڊائريڪٽر پولٽري پروڊڪشن متياري ڊاڪٽر هدايت الله ميمڻ، ڊسٽرڪٽ مئنيجر 1122 متياري توفيق احمد سيال، ڊپٽي ڊائريڪٽر فشريز متياري مخدوم محمد حسين، اسسٽنٽ ڪمشنر متياري عبدالستار شيخ، اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر، ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر سعيدآباد عبدالشڪور سولنگي سميت ضلعي جي ٻين عملدارن ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون متياري نور احمد کهڙو جي والد جي وڇوڙي تي پنهنجي ڏک جو اظهار ڪندي محترم نور احمد کهڙو ۽ سندن خاندان سان دلي همدردي جو اظهار ڪندي مرحوم لاءِ دعا ڪئي وئي آهي ته الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ وارثن کي صبر جميل عطا ڪري، آمين

بقايا 04

اسد الله سنجراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري فلسطين سان همدردي اظهار ڪيو. ريلي ۾ شرڪت ڪندڙ هٿن ۾ پلي ڪارڊ جهنڊا کڻي اسرائيل ۽ آمريڪا خلاف نعريبازي ڪئي احتجاجي مظاهري کي جي يو آئي اڳواڻن خطاب ڪيو مقررن چيو ته اسرائيل جا ظلم ۽ غزه ۾ معصوم ٻارن ۽ عورتن تي ٿيندڙ بمباري عالمي امن لاءِ وڏو خطرو آهي. هنن چيو ته جمعيت علماءِ اسلام جي مرڪزي قيادت جي اعلان موجب سڄي ملڪ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن. قيادت حڪم ڪيو ت سر سان ڪفن ٻڌي ميدان ۾ نڪرڻ لاءِ تيار آهيون

بقايا 05

7 لک دل جي مرض ۾ مبتلا مريضن کي علاج جون سهولتون مهيا ڪيون ويون آهن. جنهن ۾ 90 هزار مريضن جي انجيوپلاسٽي، 40 هزار مائنر آپريشن، 750 مريضن جي دل جي سرجري سميت ڪيترن ئي مريضن جي دل جو ٻاءِ پاس ۽ ٻيو علاج مهيا ڪيو ويو آهي. جڏهن ته انهن مريضن ۾ 13 هزار ٻار پڻ شامل آهن. هن چيو ته 8 هزار 500 سئو هارٽ اٽيڪ جي مريضن جو ڪاميابي سان علاج ڪيو ويو آهي ۽ 4 هزار 500 سئو ننڍڙي هارٽ اٽيڪ جي مريضن جو علاج ڪاميابي سان ڪيو ويو آهي. جڏهن ته لاڙڪاڻي جي ايس آءِ سي وي ڊي ۾ دل واري مرض جون سڀئي سهولتون موجود آهن. جيڪي سهولتون مريضن کي مفت مهيا ڪيون وينديون آهن. جڏهن ته اسپتال جي پهرين فلور تي ايمرجنسي وارڊ موجود آهي. جتي هارٽ اٽيڪ جي مريضن کي فوري طور تي علاج مهيا ڪري سندن زندگيون بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ اسان کي بهترين ڪاميابي ملي آهي. جڏهن ته اسپتال جي ٻي فلور تي ڪريٽ ليب موجود آهي. جتي 24 ڪلاڪ مريضن جو ٻاهرين ملڪ جيان علاج ڪيو ويندو آهي. ڊاڪٽر سيد فياض مجتبيٰ شاهه وڌيڪ چيو ته لاڙڪاڻي شهر جي ايس آءِ سي وي ڊي جي بلڊنگ جڳهه ناڪافي آهي. جنهن سبب ليبارٽي، سي سي يو آءِ وارڊ، الڳ سان او پي ڊي ۽ ٻيا اهم شعبا موجود نه آهن. پر تنهن باوجود اسان ڪوشش ڪري دل جي مريضن کي علاج جون سهولتون مهيا ڪري رهيا آهيون. اهڙي صورتحال ۾ اسان حڪومت ۽ انتظاميه کي لکيو آهي ته پرسان واري ڪيجولٽي جي بلڊنگ ايس آءِ سي وي ڊي حوالي ڪري ڪيجوئلٽي کي ٻئي هنڌ منتقل ڪيو وڃي ته جيئن هي سموري ايريا دل واري مريضن جي مختلف شعبن تحت ٺاهي ڪين علاج جون بهترين سهولتون مهيا ڪيون وڃن. هن شهرين کي دل جي بيمارين کان محفوظ رهڻ لاءِ پيغام ڏيندي چيو آهي ته روزاني جي بنيادن تي ورزش ڪرڻ، مختلف راندون کيڏڻ سان گڏ کاڌڻ پيڻ ۾ احتياط ڪندي گهر جي کاڌن کي ترجيح ڏني وڃي ته ڪافي حد تائين جي دل جي بيمارين کان بچي سگهجي ٿو

بقايا 06

ويهي ئي سرڪاري ٻيلن جي زمينن کي ٺيڪي تي ڏيڻ ۽ ان مان مالي فائدو حاصل ڪري مصروف رهي ٿو ٻئي پاسي ڪچه ملازم پنهنجن حقن لاءِ آفيسن جي تالا بندي سان گڏ احتجاجي مظاهرا به ڪري رهيا آهن. پر ان باوجود ڊي ايف او ٺٽو ٻيلن مان قيمتي وڻ ڪٽائڻ ۾ رڌل آهي. اطلاع مطابق اهي قيمتي وڻ ڪٽي انهن جي ڪاٺ ٽرڪن وسيلي ڏينهن ڏٺي ميلاپ سان ڪراچي ۽ ٻين شهرن ڏانهن منتقل ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته هن غيرقانوني وڻ ڪٽائي تي ڪو به عملدار نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي. مقامي شهرين چيو آهي ته وڻن جي لڳاتار ڪٽائي سبب ٺٽي ۾ آلودگي وڌڻ سان گڏ ماحولياتي توازن کي به شديد خطرو پيدا ٿي ويو آهي.

بقايا 07

شر. فتح محمد شر ۽ ٻين الزام هنيو آهي ته اسان جي نياڻي فرزانه شر جوابدار رشيد شر. پنهل ،اصغرشر وارا اغوا ڪري فرار ٿي ويا آهن جنهن کي هڪ هفتو گذري چڪو آهي اسان حد جي يارو لنڊ ٿاڻي تي ويا سين پوليس فرياد نه ٻڌي ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو احتجاج ڪيو سين ان باوجود اسان ڪنهن به نوٽيس ناهي ورتو هنن چيو ته اسان غريب آهيون اسان جي نياڻي اغوا ٿي وئي آهي انصاف نه مليو ته سومر ڏينهن عورتون مرد پاڪ ڪتاب کڻي ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو احتجاج ڪنداسين.

بقايا 08

ڪئي ۽ صحافين نعريبازي ڪندي حڪومت ۽ پوليس جي عمل خلاف سخت احتجاج رڪارڊ

ڪرايو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان جي صدر رمضان شورو اڳواڻ مظفر رند ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته اسلام آباد ۾ پوليس پاران نيشنل پريس ڪلب تي چڙهائي ڪري صحافين تي تشدد ڪرڻ، حق ۽ سچ جي آواز کي دٻائڻ جي هڪ ناڪام ڪوشش آهي. جنهن جي اسين سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا هنن چيو ته صحافت رياست جو چوٿون ٿنڀ آهي. صحافين تي تشدد ڪرڻ جمهوريت ۽ اظهار راءِ جي آزادي تي حملو آهي. جيڪو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن اهڙا واقعا جاري رهيا ته ملڪ ڀر ۾ سخت احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته صحافين تي ٿيل تشدد جو نوٽيس ورتو وڃي. ذميوار پوليس اهلڪارن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ صحافين کي بنا خوف ۽ خطري جي پنهنجي ذميواري نڀائڻ لاءِ ماحول فراهم ڪيو وڃي احتجاج دوران صحافين جو چوڻ هو ته قلم ۽ ڪئميرا سان جدوجهد ڪندڙ صحافي ڪڏهن به ڌمڪين ۽ تشدد کان نه گهبرائيندا. سچ ۽ انصاف جي ڳالهه هميشه جاري رهندي

بقايا 09

6 آڪٽومبر تي ڪراچي بلاول هائوس آڏو رٿيل ڌرڻي ۾ شرڪت ۽ هر ممڪن مدد جي خاطري پڻ ڪرائي ان موقعي تي سنڌ ايمپلائيز الائنس ضلعي صدر ميهار خاصخيلي. محمد خان جروار. عبدالحڪيم ٻهراڻي. جليل بلوچ. هاشم بلوچ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جا لکين ملازم اڄ ڏهين ڏينهن به سراپا احتجاج آهن پر حڪومت پنهنجي هوڏ تي قائم آهي اسان جا حوصلا به اجان بلند آهن رت جي آخري ڦڙي تائين جدوجهد جاري رکنداسين هنن چيو ته سنڌ جو نظام درهم برهم لڳو پيو آهي سمورن ادارن جو ڪارونهوار بند پيل آهي عوام پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي سمجھ ۾ نٿو اچي ته حڪومت چاهي ڇا ٿي پ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي گهرجي ته 6 آڪٽومبر کان پهرين ملازمن جا مسئلا حل ڪري نه ته وڏو نقصان ٿيندو هنن وڌيڪ چيو ته 6 آڪٽومبر تي سموري سنڌ جا لکين ملازم هڪ آواز ٻڌجي بلاول هائوس تي گڏ ٿينداسين

بقايا 10

جيڪا مختلف روڊن رستن تان ٿيندي ڊي ايچ ڪيو پريس ڪلب ميرپور ماٿيلو آڏو پهچي هڪ وڏي جلسي جي صورت حال اختيار ڪري ورتي ان موقعي تي ريلي ۾ شريڪ ڪارڪنن اسرائيل آمريڪا خلاف مرده باد جا نعرا هنيا جڏهن ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن حافظ سراج چنا، مولانا عبدالغفار چاچڙ مولانا حماد الله چاچڙ ۽ ٻين چيو ته اسرائيلي حملا انسانيت خلاف کليل جارحيت آهن. عالمي برادري کي فوري نوٽيس وٺڻ گهرجي اڳواڻن جو چوڻ هو ته پاڪستاني عوام هر حال ۾ فلسطيني ڀائرن سان گڏ آهن اسرائيلي بربريت عالمي قانونن ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي، مسلم ملڪن جي خاموشي افسوسناڪ عمل آهي هنن انساني حقن جي عالمي تنظيمن ۽ گڏيل قومن کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 11

مچي ٿي ۽ ٻئي طرف اهڙا هٿڪنڊا استعمال ڪري ٿي، جيڪي آزادانه صحافت تي حملو آهن. جيڪو ملڪ جا سمورا صحافي ڪڏهن به برداشت نه ڪندا اسان اسلام آباد نشنل پريس ڪلب جي صدر ۽ سيني معزز ميمبرن سان گڏ آهيون. آزاد صحافت تي حملو نامنظور سنڌ صحافي سنگت ضلع بدين جي صدر نفيس ميمڻ جي اپيل تي ڪيڻ ۽ تلهار ۾ به ڇنڇر ڏينهن احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويندو

بقايا 12

جي تعلقه اسپتال ميهڙ گس مڪمل بند رهي جڏهن ته احتجاج ۾ پي ايم اي دادو جي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽرامام الدين کوسو پنهنجي ڊاڪٽرن ڊاڪٽر هدايت علي کوسو، ڊاڪٽر ذيشان عباس مهيسر، ڊاڪٽر افتخار حسين کوسو، ڊاڪٽرشڪيل احمد لاکير، ڊاڪٽر اختر حسين گورڙ، ڊاڪٽر خالد حسين بروهي پيرا ميڊيڪل اسٽاف احمد اشتر پلهڙو، نياز حسين ڏيپر، مختيار علي کوسو، واجد علي پنهيار، علي گوهر مگسي، شبير احمد ڏيپر فياض علي مهيسر، اسد منگي، زاهد حسين مهيسر، سجاد علي چانڊيو، شاهد علي کوسو، اشفاق احمد ڏيپر، جاويد علي، ممتاز علي جتوئي، ارشد علي، رضا علي، محبوب علي چانڊيو سميت ٻين ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ملازم دشمن پاليسي خلاف زوردار نعريبازي ڪندي احتجاج ڪندڙن چيو ته پينشن ۾ ڪٽوتي ڊي آر اي جي بحالي ۽ فوتي ڪوٽا جي بحالي سميت ٻين جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ اسان جو هي احتجاج ٻارهين ڏينهن به جاري آهي پنهنجي حقن وٺڻ لاءِ جاري رهندو احتجاج ڪندڙن واضح ڪيو آهي ته اسان جا جائز مطالبا منظور ڪيا وڃن نه (6) ڇهين آڪٽوبر وارو احتجاج ملازم دشمن حڪمرانن جي ننڊ حرام ڪري ڇڏيندو هاڻي پنهنجي حقن وٺڻ خاطر دمادم مست قلندر ٿيندو

بقايا 13

۾ ڀارتي جيلن مان ازادي ماڻيندڙ ٺٽي ۽ سجاول ضلعن جي رهواسي ماهيگيرن جي وارثن اسماعيل رڇو، مير رڇو، لياقت شيخ، رمضان شيخ، قربان چنڊائي، صالح رونجهو، غلام محمد ڪاتيار، قاسم ڀاٽي ۽ ٻين ڏانهينڊي چيو آهي ته 25 ڏينهن اڳ 9 سيپٽمبر اگاري تي ڀارتي حڪومت طرفان آزاد ڪيل 67 پاڪستاني قيدي واڳها بارڊر تي پاڪستاني اختيارن جي حوالي ڪيا ويا اهن. جن ۾ 53 ماهيگير ۽ ٻيا سويلين قيدي شامل آهن. آزادي ماڻيندڙ ماهيگيرن ۾ ضلعي سجاول جا 18 ۽ ٺٽي ضلعي جو هڪ ماهيگير شامل آهي. جنهن ۾ جاتي تعلقي جا 9 ماهيگير جيڪي گذريل چئن سالن کان ڀارتي جيل ۾ قيد هئا، انهن ۾ ڳوٺ طالب رڇو جا رهواس 2 سڳا ڀائر غلام نبي ولد محمد اسماعيل رڇو، علي اصغر ولد محمد اسماعيل رڇو، موسيٰ ولد مير محمد رڇو، جاتي تعلقي جي ساموندي پٽي واري ڳوٺ زيرو پوائنٽ جا محمد ولد سليمان شيخ. ياسين ولد رمضان شيخ. علي بخش ولد خير محمد. صدام حسين ولد غلام مصطفيٰ، محمد اسلم ولد نواز. غلام علي ولد الهداد. ڪاروچاڻ تعلقي جي آٽرڪي ڳوٺ جا 9 ماهيگير جن ۾ ٽي سڳا ڀائر ناڪو احمد ڪارو ولد عثمان ڪاتيار. حسن ولد عثمان ڪاتيار. غلام حسين ولد عثمان ڪاتيار. عبدالستار ولد حنيف ڪاتيار. احسان ولد نبي بخش ڀاٽي، عارب ولد جمع ڀاٽي. مقبول ولد قاسم ڀاٽي، غلام حسين ولد صالح رونجهو. واحد عرف گدو ولد قاسم ڀاٽي. جنگيسر تعلقي ڪيٽي بندر جو ستن سالن کان ڀارت ۾ قيد نواز ڪندڙيو به آزاد ٿيندڙ ۾ شامل اهي. جڏهن ته باقي 34 ماهيگيرن جو تعلق ڪراچي جي ابراهيم حيدري علي اڪبر شاهه ڳوٺ سئو ڪوارٽر ۽ مڇر ڪالوني سان آهي. هنن چيو ته ڪرونا بيماري جي ڪري 2019 ع کان جڏهن به ماهيگير آزاد ٿيندا آهن ته ڪورنٽائين يا آئسوليشن جي نالي تي ٽن هفتن کان پنج هفتن تائين انهن کي حراست ۾ رکيو ويندو آهي. گذريل مختلف سالن ۾ آزاد ٿيندڙ ماهيگيرن ٻڌايو آهي ته اسانکي دشمن ملڪ ڀارت جي جيلن ۾ ايترو تشدد ۽ نارواسلوڪ نه ڪيو ويندو هو جيترو پنهنجي ملڪ جي لاهور واري حراستي مرڪز ۾ شديد ذهني ۽ نفسياتي ٽارچر ڪيو ويندو آهي. پنجاب جي قيدين کي فوري طور پهرين ڏينهن ئي مائٽن جي حوالي ڪيو ويندو آهي. پر سنڌ جي قيدين کي مرضيءَ سان هفتن جا هفتا حراست ۾ رکي آخرڪار ڪين لاوارث ڄاڻائي ايڌي لاهور جي حوالي ڪيو وڃي ٿو جيڪي ڪين ڪراچي پهچائين ٿا. هنن گهر ڪئي ته سندن آزادي ماڻيندڙ پيارن کي جلد سندن حوالي ڪيو وڃي، جيئن هو پنهنجي پيارن سان ملي سگهن ٻئي صورت ۾ احتجاج جو حق رکون ٿا.

بقايا 14

ڪوٽ پهچي سنيل ڪمار لوهاڻو جي وفات تي پوئيرن سان تعزيت ڪئي. چيئرمين ٽائون ڪاميٽي اسلام ڪوٽ ڪمليش ڪمار لوهاڻو ۽ ڪلديپ پاروائي گڏجي ڳوٺ گوليو پهچي عبدالرحيم هنگورجو جي ماما محمد هنگورجو جي وفات تي پوئيرن سان تعزيت ڪئي. ڳوٺ جوگلا پهچي سيشن جج نگارام جي پيءُ جي وفات تي پوئيرن سان تعزيت ڪئي. ان موقعي تي طالب ڏوهٽ، منيش ڪمار رتناڻي، منيش ڪمار ٿاڻي ۽ ٻيا به سائس گڏ هئا.

بقايا 15

انساني حقن سنڌ راجوير سنگھ سوڍو خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سرڪاري آفيسرن، سماجي تنظيمن جي نمائندن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي سيمينار کي خطاب ڪندي وزيراعليٰ سنڌ جي اسپيشل اسسٽنٽ براءِ هيومن رائٽس سنڌ راجوير سنگھ سوڍو سيني آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته حڪومتِ سنڌ انساني حقن جي فروغ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي، هن وڌيڪ چيو ته اسان سنڌ جي سيني ضلعن ۾ انساني حقن بابت ٺهيل ڪميٽين کي فعال ڪري رهيا آهيون ۽ ان ۾ سول سوسائٽي جو تمام اهم ڪردار آهي ته هو انساني حقن جي ڀڃڪڙي ۽ ٻين مسئلن جي نشاندهي ڪري ٻڌائي، هن چيو ته اسان انٽر فيٿ هارموني تي يقين رکون ٿا ۽ ضلع عمرڪوٽ جا سيئي هندو ۽ مسلمان پنهنجا مذهبي پروگرام گڏجي ملهائن ٿا ۽ مذهبي رواداري تي يقين رکن ٿا، هن چيو ته حڪومتِ سنڌ جو منشور آهي ته اسان عام ماڻهن کي سندن حق بابت آگاهه ڪريون ۽ کين وقت سر انصاف ملي سگهي، ان موقعي تي سيڪريٽري هيومن رائٽس ڊپارٽمينٽ ڪراچي خالد اي ڪي چاچڙ هن سيمينار جي اهميت، اهم نڪتن، مقصدن ۽ نمايان پهلوئن تي روشني وڌي، ان موقعي تي اسپيشل اسسٽنٽ ٽو چيف منسٽر سنڌ جي ڪوآرڊينيٽر ميڊم نازيہ ناز ۽ سماجي اڳواڻ زاهد ٽيبو پروگرام جي ذميوارين کي نڀايو. جڏهن ته ڊائريڪٽر هيومن رائٽس سنڌ آغا فخر حسين، سيڪشن آفيسر جنرل سعيد احمد سومرو مهمانن کي پليڪار ڪيو ۽ پروگرام جي مقصدن تي روشني وڌي، ان موقعي تي ايس ايس پي عمرڪوٽ عذير احمد ميمڻ انساني حقن جي تحفظ لاءِ ٺهيل شڪايتن واري ميڪانيزم بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ چيو ته ايس ايس پي آفيس عمرڪوٽ ۾ ڪمپلينٽس ڊيسڪ قائم ڪيو ويو آهي جتي هر شهري پنهنجي حقن جي ڀڃڪڙي بابت رجوع ڪري سگهن ٿا، ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر عمرڪوٽ رجب علي سنيو سيمينار کي خطاب ڪندي ٻارن جي حقن ۽ سماجي شموليت جي قدمن بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ چيو ته انسان کي قدرت واري طرفان جنم وٺڻ واري ڏينهن کان ئي ڪيترائي حق ڏنا آهن ۽ رياست ۽ سول سوسائٽي جو انساني حقن جي تحفظ ۾ اهم ڪردار آهي، جنهن ۾ سول سوسائٽي دل آهي ته رياست ان جو دماغ آهي، جنهن سان انسان کي پنهنجا حق ڏيڻ ۽ انساني حقن جي تحفظ لاءِ ٺهيل قانونن تي عمل ڪرائڻ ۾ مدد ملي ٿي، ان موقعي تي انجنيئر ڪنيا موهن لال، سي اي او ايس ٽي ايل ايف اين جي او عمرڪوٽ شهرين جي ذميوارين ۽ شهرين جي انساني حقن جي تحفظ بابت به خطاب ڪيو. ان موقعي تي ڊائريڪٽر وومين پروٽيڪشن سيل سنڌ محترمہ مروه اعوان سنڌ ۾ عورتن جي حقن ۽ سندن تحفظ جي قانونن تي "آگاهي کان عملدرآمد تائين" جي موضوع تي جامع ليڪچر ڏنو، ان موقعي تي سماجي تنظيم "اويئر جي سي اي او علي اڪبر راهمون سنڌ ۾ انساني حقن ۽ سول سوسائٽي جي ڪردار تي تفصيل سان ڳالهه ٻولهه ڪئي، ان موقعي تي سماجي تنظيم "سي ايس ايس پي اين جي او" جي پروگرام مينيجر مير حسن آريسر ضلع عمرڪوٽ ۾ اقليتي حقن ۽ سماجي شموليت تي ڳالهايو. ان موقعي تي سوشل ويلفيئر کاتي عمرڪوٽ جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر نور محمد شيخ انساني حقن جي فروغ ۾ مقامي حڪومتن جي ڪردار کي اجاگر ڪيو ۽ چيو ته چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي عمرڪوٽ جو قيام 2018ع ۾ ٿيو ۽ 2018 ع کان 2025 ع تائين ڪل 89 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن، ان موقعي تي "سنڌهي ادبي سنگت" جي ميڊم خالد منير ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر محمد اسلم پٽي، پرنسپل ڊگري ڪاليج عمرڪوٽ پروفيسر عبدالرئوف سومرو، ڊويزنل ڪوآرڊينيٽر 1122 بنسي لال مالهي، سماجي اڳواڻ عباس ڪوسو، عبدالله ڪوسو، ايڊووڪيٽ گل منير ولهاري، سماجي اڳواڻ علي سومرو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا، آن موقعي تي پروگرام جي پڇاڙي تي سول سوسائٽي جي اڳواڻن کي صوبائي صلاحڪار راجوير سنگھ پاران ايوارڊ ڏنا ويا ۽ سيني شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪيو ويو

بقايا 16

کي صبح 8 وڳي کان 12 وڳي تائين پاڪ فوج ۾ ڀرتي ڪيو ويندو، ٺٽي ۽ سجاول ضلعن جي خواهشمند نوجوان کي گهرجي ته هو مقرر ڪيل سينٽرن تي وقت جي پابندي سان پهچي پاڻ کي فوج ۾ ڀرتي ڪرائي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري سگهن.

بقايا 17

نامور شخصيتن کي نامزد ڪيو ويو آهي سرڪاري اعلاميي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته نامزد ٿيل شخصيتن ۾ محمد بخش ڪپري (ايم اي سوشيالاجي، ايم ايس سي ڪمپيوٽر سائنس)، ڊاڪٽر فرحان اشرف ولد محمد اشرف (ايم بي بي ايس) ۽ مسٽر سنديپ ڪمار مهشوري (ايم بي اي، ايل ايل بي، ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ) شامل آهن اهي نامزدگيون ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص طرفان ڪميشنر ميرپورخاص ڊويزن ڏانهن موڪليون ويون آهن. جيئن ڊسٽرڪٽ هيومن رائٽس ڪميشن جي قيام کان پوءِ انساني حقن جي فروغ ۽ انهن جي ڀڃڪڙين جي روڪٿام لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ذريعن موجب، ڪميٽي جا ميمبر انساني حقن سان لاڳاپيل مسئلن جي حل، عوامي شڪايتن جي ازالي ۽ آگاهي مهمن ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪندا

بقايا 18

سان ٿي ملاقات دوران سنڌ حڪومت جو ترجمان ۽ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ پڻ موجود هو ملاقات ۾ زرعي شعبي ۾ سهڪار جي امڪانن ۽ گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي سردار محمد بخش مهر چيو ته زرعي پيداوار کي جديد طريقي سان منظم ڪرڻ لازمي آهي سنڌ حڪومت آبادگارن جي ڀلائي لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي قونصل جنرل بخيت عتيق الرميثي چيو سنڌ جي زرعي شعبي ۾ تعاون وڌائڻ جا وسيع امڪان آهن هن وڌيڪ چيو گڏيل سهڪار سان واپاري لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو سنڌ ۽ دوست ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپا وڌيڪ بهتر ٿيندا ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ چيو شهرن جي ترقي ۽ شهري ترقي حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهن هن وڌيڪ چيو سکر ۾ ترقياتي منصوبن ۽ ڍانچي (انفراسٽرڪچر) جي بهتري تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي

بقايا 19

آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري فلسطين سان همدردي اظهار ڪيو. شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ پلي ڪارڊ جهنڊا کڻي اسرائيل، ۽ آمريڪا خلاف نعريبازي ڪئي احتجاجي مظاهري کي جي يو آئي اڳواڻ مولانا نور محمد قرآني، محمد يعقوب نعماني، عبدالقادر جمالي، غلام مجتبي پلي، مفتي حمدالله، محمد يوسف سميجو، رسول بخش منگريو، خطاب ڪيو مقررن چيو ته اسرائيل جا ظلم ۽ غزه ۾ معصوم ٻارن ۽ عورتن تي ٿيندڙ بمباري عالمي امن لاءِ وڏو خطرو آهي، صمود فلوٽيلا، جيڪا فلسطيني عوام لاءِ سمنڊ ذريعي خوراڪ، دوائون ۽ انساني ضرورتن جو سامان کڻي پئي وئي، ان تي به وحشيانا حملو ڪيو ويو ۽ 200 کان وڌيڪ رضاڪارن کي گرفتار ڪيو ويو. مقررن چيو ته هي عمل انساني حقن ۽ عالمي قانونن جي کليل ڀڃڪڙي آهي. هنن وڌيڪ چيو ته دنيا اڄ به پاڪستان جي آواز کي صلاح الدين ايوبي سان ڀيٽ ڪري رهي آهي ۽ سينيٽر مشتاق کي جديد دور جو صلاح الدين ايوبي قرار ڏنو پيو وڃي. هنن چيو ته جمعيت علماءِ اسلام جي مرڪزي قيادت جي اعلان موجب سڄي ملڪ ۾ احتجاجي مظاهرا جاري آهن. ۽ پاڪستاني عوام هر سطح تي فلسطيني عوام سان گڏ بيٺل آهي. عالمي برادري کي گهرجي ته اسرائيلي جارحيت خلاف فوري قدم کڻي ۽ فلسطين جي آزادي لاءِ عملي ڪردار ادا ڪري

بقايا 20

سلامت ابڙو، خزانچي منصور عباس ابڙو، سينئر صحافين ڊاڪٽر مولا بخش ڪلهوڙو، ڊاڪٽر بدر شيخ، محمد عاشق پناهڻ، منير احمد سومرو، ايم يونس ڏيٿو، سيد جاويد شاهه، حنيف سهاڳ، سيد فهد شاهه، اعجاز چانڊيو، نادر ابڙو، عبدالحفيظ منگي، نديم سومرو، خان راجا مگسي، ڊاڪٽر شاهنواز سنديلو رشيد سمون، نادر ماٽري، محمد ادريس بلوچ، شاهه محمد لاشاري، علي گراماڻي، اڪبر هيسباڻي، وحيد لانگاهه، محمود پناڻ، راجا خان ڳاڏهي، جاويد لانگاهه، محمد يوسف گهانگهرو، عبدالحميد پٽو سميت ڪيمرامينن ۽ فوٽوگرافرن ذيشان ڪوڪر، محسن گل پناڻ، علي گل ڏيٿو، نويد سومرو، مومن ڪنگو، جاويد جنجهوٽ، حاجي اسلم راجپوت، مدثر لاشاري، مبشر ڪوڪر ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي صدر نويد لاڙڪ، نائب صدر مرتضيٰ ڪلهوڙو، جنرل سيڪريٽري عبدالقادر جاگيراڻي ۽ ٻين صحافين ڳالهائيندي چيو ته سينئر صحافي معشوق اوڍاڻو هميشه حق ۽ سچ جو آواز بلند ڪيو ۽ هن هر دور ۾ پنهنجي قلم ذريعي سنڌ جي غريب، مسڪين ۽ مظلوم ماڻهن جو آواز اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، ماضي ۾ جڏهن پرنٽ ميڊيا جو عروج هو ته هن سچائي جي بنيادن تي پنهنجي اخبار ۾ رپورٽنگ ڪئي، جنهن دوران هن کي ڪرپٽ ڪامورن، سياستدانن ۽ ڏوهاري قسم جي ماڻهن پاران حيساسيو جي ڪوشش ڪئي، پر هن ڪڏهن به اصولن تي سوديبازي نه ڪئي ۽ قلم جي شان کي اوچو رکيو. جنهن کي اڄ اسين هن تقريب ۾ جس تا پيش ڪريون. هوڏانهن سينئر صحافي معشوق علي اوڍاڻو کي اجرڪ، سنڌي ٽوپي ۽ پٽڪو پاران پڻ سان گڏ ڪيس شيلڊ پڻ ڏني وئي.

بقايا 21

رهائشگاهه تي ملاقات ڪئي ۽ سندن طبيعت بابت پڇا ڳاڇا ڪئي الله تعاليٰ کين جلد صحتيابي عطا فرمائي آمين ايم اين اي نعمان اسلام شيخ سان ۽ ملاقات ٿي جتي ڪيس عمره جي سعادت حاصل ڪرڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي وئي ايم پي اي سکر سيد فرخ شاهه ۽ انفارميشن سيڪريٽري ڊويزن سکر ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ سان پڻ مختلف سياسي موضوعن تي ملاقات ڪري گفتگو ڪئي جتي پارٽي معاملن شهر جي مسئلن ۽ تنظيم سازي بابت تفصيلي مشاورت ڪئي وئي انهن ملاقاتن ۾ پيپلز يوٿ آرگنائيزيشن سٽي سکر جي صدر اورنگزيب قريشي سينيئر نائب صدر اظهار علي اعوان ۽ ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري فرحان شيخ پڻ موجود هئا

بقايا 22

خلاف حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سينئر نائب صدر ولي محمد لنڊ ايچ يو جي ضلع دادو جي صدر گلڻ پنڊ دادو پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري نظام شيخ محمد ياسين راجا ڪوريجو رضوان منگي نياز چانڊيو جاويد احمد لغاري رفيق احمد چنا شوڪت ملاح شيراز شيخ قربان ميمڻ علي گل چنا گاجي مگريو، قربان ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ايچ يو جي اڳواڻن چيو ته اسلام آباد نيشنل پريس ڪلب تي پوليس جي بلا جواز چڙهائي ۽ صحافين تي تشدد ۽ پوليس گردي جي سخت لفظن ۾ مزمت ڪيون ٿا ۽ تشدد ڪندڙ پوليس اهلڪارن خلاف فوري قانوني ڪاروائي ڪري صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي نه ته بي صورت ۾ ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 23

ڪري جانور قبرستان ۾ داخل ٿين ٿا جنهن سبب قبرون جي بيحرمتي ٿئي ٿي، غلام الله شهر سان منسوب درگاهه غلام شاهه بابا جنهن جي تاريخ لغارين جي دؤر کان ملي ٿي، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي اوقاف کاتي جي ڪن تي جونءِ نٿي چري هتان جي شهرين سماجي اڳواڻن ڏانهيندي چيو ته هن قبرستان ۾ اسان جا پيارا تدفين آهن، تاريخي قبرستان ۾ ڳٽر جو پاڻي داخل ٿي چڪو آهي جنهن سبب قبرون ميسارجڻ لڳيون آهن هنن ضلعي چيئرمين عبدالحميد پنهور، صوبائي وزير جيل ۽ جات حاجي علي حسن زرداري، ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته قبرستان کي چوديواري سان گڏ موجود قبرون جو مرمتي ڪم ڪرايو وڃي قبرستان کي مسمار ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا 24

خليل ڪنيار انسپيڪٽر احمد بخش راهمون انسپيڪٽر عزيز راهمون جي پٿورو ٿاڻي تي پريس ڪانفرنس ڪندي ڏوهه جي رڪوري ۽ جوابدارن جي جلد گرفتاري پوليس لاءِ اعزاز آهي Dsp تصور جٽ آئون هن ٽيم جو حصو رهيس اڄ رڪوري ڪري ۽ جوابدارن جي گرفتاري ڪري سرخرو ٿياسين خليل ڪنيار پوليس ۽ چونڊيل نمائندا مسلسل اسان رابطي رهيا سندن شڪريو ادا ڪريون ٿا واپاري اڳواڻ روٽري ڪلب گورنر شڪيل قائمخاني جو موقف شڪيل قائمخاني پاران پوليس ٽيم کي اجرڪ ۽ لنگين پڻ ڏنيون

بقايا 25

سول اسپتال ڪوٽ غلام محمد منتقل ڪيو ويو، جتي ضروري قانوني ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو حادثي کان پوءِ ڳوٺاڻن سخت احتجاج ڪندي واڳهريجي اسٽاپ وٽ ڌرڻو هنيو ۽ روڊ کي هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ بند ڪري ڇڏيو. مظاهرين جو مطالبو هو ته غفلت ڪندڙ ڊرائيور کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ۽ مٿس قتل جو ڪيس، پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعو 302 تحت داخل ڪيو وڃي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته واڳهريجي اسٽاپ وارو روڊ عرصي کان حادثن جو مرڪز بڻيل آهي، جتي نه ته ڪا ٽريفڪ ڪنٽرول جي سهولت موجود آهي ۽ نه ئي ڪو مستقل پوليس پڪيٽ. انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين کي بار بار آگاهه ڪرڻ باوجود ڪو به سنجيده قدم نه کنيو ويو آهي. ڳوٺاڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته روڊ تي حفاظتي اپاءَ ورتا وڃن، اسٽاپ تي ٽريفڪ پوليس مقرر ڪئي وڃي، ۽ تيز رفتاري خلاف سخت قدم کنيا وڃن ته جيئن اهڙا المناڪ واقعا ٻيهر پيش نه اچن.

بقايا 26

يونين جي چيئرمين فهد ٻبر جي صدارت ۾ دربار هال ڊي سي آفيس مڪلي ۾ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار ٺٽو عبدالعزيز ميمڻ، ب ٽ الف ضلعي ٺٽي جي صدر شريف ٽنيو سميت مختلف سرڪاري کاتن جي ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ 6 آڪٽوبر تي بلاول هائوس آڏو ڌرڻي جي پروگرام کي آخري شڪل ڏيندي آل روينيو ايمپلائيز يونين جي چيئرمين فهد ٻبر، ب ٽ الف جي شريف ٽنيو ۽ ٻين چيو ته هڪ ملڪ ۾ 2 قانون نافذ ڪيا ويا اهن. ملڪ جي ٽن صوبن جي ملازمن کي سمورين رعايتون ملن ٿيون. پر سنڌ صوبي جي ملازمن سان سنڌ سرڪار هٽ وٺي ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري کين پنهنجي ئي جائز حقن پنيشن ۾ ڪٽوتي، ڊي اي آر الائونس، گروپ انشورنس، فوتي ڪوٽا، سن ڪوٽا، معزور ڪوٽا سميت ڪا به سهوليت ڏيارڻ لاءِ تيار ناهي، جنهن ڪري سنڌ جا سمورا ملازم سراپا احتجاج ٻڌجي سمورين آفيسن، اسپتالن ۽ تعليمي ادارن ۾ تالا بندي ڪري پنهنجو احتجاج شروع ڪري ڇڏيو اهي، جيڪو مسئلن جي حل تائين جاري رهندو، هنن چيو ته 6 آڪٽوبر تي پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ بلاول هائوس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو، جنهن ۾ شرڪت لاءِ ٺٽي کان سيني کاتن جا ملازم گاڏين جي هڪ وڏي قافلي جي صورت ۾ گڏجي روانا ٿيندا. جتي سڄي سنڌ جي ملازمن سان گڏجي بلاول هائوس تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي جائز مطالبن جي مڃتا تائين احتجاج کي جاري رکيو ويندو، اجلاس بعد سمورن ملازمن ڊي سي آفيس اڳيان هڪ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪندي گهر ڪئي ته سنڌ جي سمورن ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪري کين پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا 27

نائب صدر مرتضيٰ ڪلهوڙو، خزانچي منصور ابڙو، پي پي پي اڳواڻ غلام رسول لغاري، علي رضا سومرو، محمد يوسف ڏيٿو، صفدر منائي، علي مراد خان ڪماريو، حاجي محب انڙ، ساجد پيرزادو، خدا بخش انڙ، ارشاد تنيو، راجا خان ڳاڏهي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي پ پ پ اڳواڻ صابر حسين جيسر چيو ته لاڙڪاڻي شهر جي ترقي ۾ سنڌ جي اڳوڻي صوبائي گهرو وزير ايم پي اي سهيل انور سيال انور سيال پائرن طارق انور سيال ۽ شاهه رخ انور سيال جو اهم ڪردار آهي. جڏهن ته سيال پائرن هميشه غريب، مسڪين ۽ ٻي ٻهج عوام جا مسئلا حل ڪرڻ سان گڏ سندن خدمت ۾ مدد ڪئي آهي. جنهن ڪري اڄ سيال پائر لاڙڪاڻي واسين جي دلين تي راڄ ڪري رهيا آهن. هن چيو ته ايم پي اي سهيل انور سيال سندس پائر طارق انور سيال ۽ شاهه رخ انور سيال پارٽي جا سچا جيالا آهن، جيڪي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ڏسيل رستي تي هلندي پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي اڳواڻي ۾ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. جن سان عوام هر وقت گڏ آهي. آجياڻي تقريب کي خطاب ڪندي شاهه رخ انور سيال چيو ته آئون پارٽي جي اڳواڻن، ڪارڪنن سميت عام شهرين جو ٿورائتو آهيان، جن اڄ هن تقريب ۾ مونکي عزت بخشي مونسان پيار جو اظهار ڪيو آهي. جڏهن ته آئون کين يقين ڏيارڻ ٿو ڏياريان ته شهر جي ترقي سميت عوام جي خدمت لاءِ هميشه جدوجهد جاري رهندي.

بقايا 28

